جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاهه

جلد 17 | خميس 19 نومبر 2026ع بمطابق 08جمادي الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 39

ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزيرن کي پنهنجي ڪم ڪانسواءِ دنيا جو هر ڪم ڪرڻو آهي: شرجيل انعام ميمڻ

ايم ڪيو ايم جا وفاقي وزير هن وقت جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن، اهو سندن ڪم ناهي، اهي پنهنجو اصل ڪم ڪن

ٿر ڪول مان 3500 ميگا واٽ کان وڌيڪ بجلي پيدا ٿي رهي آهي، جيڪا نيشنل گرڊ ۾ ويندي آهي، بجلي هجي يا گئس، ٻنهي جي لوڊشيڊنگ جاري آهي

ٻهراڙين وارن علائقن ۾ ته گئس اچي ئي نه ٿي، جڏهن ته شهري علائقن ۾ به گئس نه پئي اچي شهرن جي پوش علائقن ۾ به ماڻهو سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن

شهرن جي پوش علائقن ۾ به ماڻهو سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن، ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزيرن کي پنهنجي ڪم ڪانسواءِ دنيا جو هر ڪم ڪرڻو آهي

ايم ڪيو ايم اسيمبلي ميمبر پنهنجن وفاقي وزيرن کي چوي ته اهي وفاقي ڪابينا ۾ اهو مسئلو اٿارين

وفاقي وزير هن وقت جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن، اهو سندن ڪم ناهي، اهي پنهنجو اصل ڪم ڪن

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزيرن کي پنهنجي ڪم ڪانسواءِ دنيا جو هر ڪم ڪرڻو آهي، ايم ڪيو ايم جا وفاقي وزير هن وقت جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن، اهو سندن ڪم ناهي، اهي پنهنجو اصل ڪم ڪن. سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سنڌ اسيمبلي ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مبينا طور تي هراسان ڪرڻ ۽ مختلف ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ڪرڻ خلاف درخواست تي ٻڌڻي

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ مبينا طور تي هراسان ڪرڻ ۽ مختلف ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

ملڪي تاريخ جو سڀني کان وڏو ايل پي جي جهاز 15 هزار ميٽرڪ ٽن ايل پي جي کڻي پورٽ قاسم پهچي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪي تاريخ جو سڀني کان وڏو ايل پي جي جهاز 15 هزار ميٽرڪ ٽن ايل پي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

نواز، شهباز ۽ مريم ڪشمير آمد، ترقياتي معاملن ۽ چوندڊ واعدن تي ڳالهيون

پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي صدر نوازشريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان صدر آزاد جمون، ڪشمير ڊاڪٽر نجيب تقي ۽ وزيراعظم آزاد ڪشمير افتخار گيلاني ملاقات ڪئي

جنهن ۾ آزاد ڪشمير جي ترقياتي معاملن ۽ عوامي فلاح بهبود وارن منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. انهي کان علاوه انهن نئين تعمير ٿيل رٺوعه بريام پل جو افتتاح به ڪيو

ملاقات ۾ وفاقي حڪومت طرفان آزاد ڪشمير حڪومت سان ترقياتي منصوبن ۾ مڪمل تعاون ۽ ماضي ۾ خطي جي تعمير، ترقي ۾ وفاقي حڪومت جي ڪردار جو به ذڪر ڪيو ويو

انهي موقعي تي آزاد ڪشمير جي ترقي لاءِ پنجاب حڪومت جي فعال ڪردار تي به ڳالهيون ٿيون. ملاقات ۾ آزاد ڪشمير ۾ چوندڊن جي دوران ڪيل واعدن تي عملدرآمد يقيني بنائڻ جي حوالي سان به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

وزيراعظم آزاد ڪشمير افتخار گيلاني ڪشميري عوام جي خوشحالي ۽ فلاح، بهبود جي لاءِ ترقياتي منصوبي تي ڀرپور انداز ۾ عملدرآمد يقيني بنائڻ جي ارادي جو اظهار ڪيو

وفاقي وزيرن احسن اقبال، انجنيئر امير مقام، طارق فضل چوڌري، عطاءالله تارڙ، وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءالله، سينيٽر پرويز رشيد ۽ پنجاب جي سينيئر وزير مريم اورنگزيب سميت ٻيا ماڻهو شريڪ هئا

لاهور(م ڊ) پاڪستان مسلم ليگ(ن) جي صدر نوازشريف ۽ وزيراعظم شهباز شريف سان صدر آزاد جمون، ڪشمير ڊاڪٽر نجيب تقي ۽ وزيراعظم آزاد ڪشمير افتخار گيلاني ملاقات ڪئي جنهن ۾ آزاد ڪشمير جي ترقياتي معاملن ۽ عوامي فلاح بهبود وارن منصوبن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. انهي ڪان علاوه انهن نئين تعمير ٿيل رٺوعه بريام پل جو افتتاح به ڪيو. تقريبن 7 ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

لاهور: وزيراعظم شهباز شريف نواز شريف پارٽي اڳواڻن سان ملاقات ڪري رهيا آهن

ايپيڪ عالمي سمٽ، ٽرمپ جي پيوٽن ۽ شي جنپنگ سان ملاقات

جيتوڻيڪ صدر شي جن پنگ، شينزن ايئرپورٽ تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو غيرمعمولي ذاتي استقبال

شينزن(م ڊ)جيتوڻيڪ صدر شي جن پنگ، شينزن ايئرپورٽ تي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جو غيرمعمولي ذاتي استقبال ڪيو پر هو آمريڪي معاشي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

بلاول موجوده حڪومت کي ناجائز سمجهي ٿو ته صدر آصف زرداري استعيفيٰ ڏئي ڇڏي: حافظ نعيم

جيڪڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري موجوده حڪومت کي ناجائز سمجهي ٿو ته آصف علي زرداري کي صدر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي

پيپلز پارٽي چوي ٿي ته حڪومت اهو سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي ته سوال اهو آهي ته آصف علي زرداري ڪنهن جي ووٽن سان صدر چونڊجيو هو؟

جيڪڏهن پيپلز پارٽي سمجهي ٿي ته موجوده حڪومت ناجائز آهي ته زرداري کي صدارت تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي

اسلام آباد (بيورو) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته جيڪڏهن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

جائيڪا جي وفد جو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو دورو، غير رسمي تعليم جي واڌاري لاءِ سهڪار جاري رکڻ تي اتفاق

جتي فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري ۽ سينيئر انتظامي عملدارن وفد جي آجيان ڪئي

وفد کي سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري، فائونڊيشن جي ڪردار، مختلف تعليمي پروگرامن، جاري منصوبن ۽ حاصلات بابت تفصيلي بريفنگ

ڪراچي (رپورٽر) جاپان جي عالمي ترقياتي اداري جاپان انٽرنيشنل ڪوآپريشن ايجنسي (جائيڪا) جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

جائيڪا جي وفد جو سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو دورو ڪندي

ڪو پارٽي جو اڳواڻ اهو چئي ته مون دٻاءَ ۾ اچي آئيني ترميم تي ووٽ ڏنو، انهي بيان سان هو نااهل به ٿي سگهي ٿو: راڻا ثناءالله

جيڪڏهن هڪ پارٽي جو اڳواڻ اهو چئي ته مون دٻاءَ ۾ اچي آئيني ترميم تي ووٽ ڏنو آهي ته انهي بيان سان انهي جي نااهلي به ٿي سگهي ٿي

بلاول ڀٽو 27هين ترميم جي تحت بڻجندڙ جوڊيشل ڪميشن جو بينيفشري آهي، 27هين ترميم کان پوءِ جوڊيشل ڪميشن ٺهيو ۽ بلاول ڀٽو به انهي جو ميمبر آهي

بجلي صارفين تي 29 ارب 80 ڪروڙ روپيه اضافي بار پوڻ جو امڪان

آڪٽوبر جي دوران بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين(ڊسڪوز) کي 10 ارب 35 ڪروڙ يونٽ بجلي وڪرو ڪئي وئي

نيپرا اختيارين موجب بجلي جي قيمت ۾ اضافي بابت درخواست تي 26 نومبر تي ٻڌڻي ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) سموري ملڪ جي بجلي صارفين لاءِ آڪٽوبر جي ماهوار فيول پرائس ايڊجسٽمنٽ جي تحت بجلي 2 روپيه 88 پئسا ف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم جي سياسي معاملن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

صوبي ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسرز پاران ڪيل سيڪٽي بدليون، مقررين ۽ ايڊجسٽمينٽس فوري طور تي منسوخ ڪري ڇڏيون

حيدرآباد(رپورٽر)صحت و بهبود آبادي سنڌ جي وزير ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو جي هدايت تي صوبي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

ڇا اوهان جا هٿ صاف آهن: خواجه آصف جو بلاول کي جواب

جيڪو شخص انصاف جي ڳالهه ڪري ٿو، ان جا پنهنجا هٿ به صاف هجڻ گهرجن، ڇا اوهان جا هٿ صاف آهن؟

بلاول ڀٽو نظام کي بهتر ترتيب ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، پر عوامي حمايت کانسواءِ ڪنهن به نظام کي نئين سر ترتيب نٿو ڏئي سگهجي

اسلام آباد (بيورو) بچاءَ واري وفاقي وزير خواجا آصف. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ 75 سالن جا سفارتي لاڳاپا ٻنهي ملڪن جي تجربن مان سکڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا: مراد علي شاهه

پاڪستان ۽ چين هڪ ٻئي جي تجربن مان سکي سگهن ٿا ۽ پنهنجي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائي سگهن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير اهم سيمينار منعقد ڪرڻ تي چيني قونصل جنرل ۽ ڪراچي ڪائونسل آن فارين رليشنز جو شڪريو ادا ڪيو

عوامي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪ-چين دوستي جي بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ايندڙ نسلن پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي

پاڪ چين دوستي نسل در نسل وڌي آهي. پاڪ-چين تعاون عوامي ڀلائي جي منصوبن تائين وڌائڻ چاهي ٿو گذريل 35 سالن ۾، چين دنيا جي معروف صنعتي ۽ پيداواري معيشتن مان هڪ بڻجي چڪو آهي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه چين جي گورننس سسٽم ۽ پاڪ-چين تعاون تي سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي سنڌ جو وڏو وزير: پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ 75 سالن جا سفارتي لاڳاپا ٻنهي ملڪن جي تجربن مان سکڻ جو موقعو فراهم ڪن ٿا سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪستان ۽ چين هڪ ٻئي ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

جعلساز بينڪنگ سسٽم ۽ ڊجيٽل ادائيگين کي استعمال ڪري شهرين جا پئسا غير قانوني طور منتقل ڪري رهيا آهن: اين سي سي آءِ اي

جعلساز بينڪنگ سسٽم ۽ ڊجيٽل ادائيگين کي استعمال ڪري شهرين جا پئسا غير قانوني طور منتقل ڪري رهيا آهن

جعلي ڪمپنيون مبينا طور جعلي بينڪ اڪائونٽس ٺهرائي انهن کي بينڪنگ نظام سان ڳنڍينديون آهن

جنهن کانپوءِ انهن اڪائونٽس ذريعي رقم جي منتقلي جو سلسلو شروع ڪيو ويندو آهي

ڪراچي(رپورٽر) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽي گيشن ايجنسي (اين سي سي آءِ اي) شهرين کي آن لائن مالي فراڊ جي نئين طريقيڪار کان خبردار ڪندي ٻڌايو آهي ته جعلساز بينڪنگ سسٽم ۽ ڊجيٽل ادائيگين کي استعمال ڪري شهري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

نديم ميمڻ جو ستين سنڌ ڪاليجز گيمز کي منعقد ڪرڻ جو اعلان

پوري سنڌ جي ڪاليجن ۾ ستين صوبائي ڪاليجز گيمز 2026_27 جو ميدان سجڻ لاءِ تيار

سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ پوري صوبي جي ڪاليجن ۾ ستين سنڌ ڪاليجز گيمز کي منعقد ڪرڻ بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو

اجلاس ۾ راندين کي ڪامياب منعقد ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطي، انتظامي معاملن ۽ مختلف ذميوارين جي ورهاست تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽر) پوري سنڌ جي ڪاليجن ۾ ستين صوبائي ڪاليجز گيمز 2026_27 جو ميدان سجڻ لاءِ تيار، سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم ميمڻ صوبي جي سمورن ڪاليجن ۾ ٿيندڙ ستين سنڌ ڪاليجز گيمز کي منعقد ڪرڻ جو ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه سان آسٽريا جو سفير ملاقات ڪندي

اسپيڪر سنڌ اسيمبليءَ سان آسٽريا جي سفير جي ملاقات، پارلياماني سهڪار، معاشي لاڳاپن ۽ مذهبي رواداريءَ بابت ڳالهه ٻولهه

ملاقات دوران پاڪستان ۽ آسٽريا جي ٻطرفن لاڳاپن، پارلياماني سهڪار، ثقافت، معاشي رابطن، مذهبي آزادي ۽ ٻئيچاريجيواڌتي ويچار ونڊيا ويا

آسٽريا جو اعزازي قونصل ڊاڪٽر حسين اسلام، تشنمايتي پٽيل ۽ سائرس فيروز ڪانگا پڻ سفير سان گڏ هئا

اسپيڪر سان گڏ ڊائريڪٽر جنرل ميڊيا عرفان احمد ميمڻ موجود هو. ملاقات دوران گذريل سال آسٽريا جي قومي ڏينهن جي تقريب ۾ ٿيل ملاقات جو پڻ ذڪر ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه سان پاڪستان ۾ آسٽريا جي سفير وولف گينگ اوليور ڪچيرا سنڌ اسيمبليءَ ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران پاڪستان ۽ آسٽريا جي ٻطرفن لاڳاپن، پارليامان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

سنڌ ۾ رت جو هڪ ڦڙو به وهيو ته ذميوار بلاول هوندو: مصطفيٰ ڪمال

ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال بلاول ڀٽو زرداري جي سنڌ بابت بيان تي افسوس جو اظهار

سنڌ ۾ رت جو هڪ ڦڙو به وهيو ته ان جو ذميوار بلاول ڀٽو زرداري هوندو، مصطفيٰ ڪمال دعويٰ ڪئي ته ڪوٽا سسٽم رڳو سنڌ ۾ موجود آهي

ڪراچي جا شهري چاهين ته شهر ۾ نئون انتظامي يونٽ قائم ٿئي، جڏهن ته ريفرنڊم جي ڳالهه تي ڪنهن کي به خوفزده ٿيڻ نه گهرجي

ڪراچي(رپورٽر) ايم ڪيو ايم اڳواڻ مصطفيٰ ڪمال بلاول ڀٽو زرداري جي سنڌ بابت بيان تي افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌ ۾ رت جو هڪ ڦڙو به وهيو ته ان جو ذميوار بلاول ڀٽو زرداري هوندو، مصطفيٰ ڪمال دعويٰ ڪئي ته ڪوٽا سسٽم رڳو سنڌ ۾ موجود آهي. سنڌس چوڻ هو ته ڪراچي جا شهري چاهين ته شهر ۾ نئون انتظامي يونٽ قائم ٿئي. جڏهن ته ريفرنڊم ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ڪراچي: تيز رفتار ڪار جو ٻي گاڏي سان ٽڪر، 1 ڄڻو زخمي

نتيجي ۾ گاڏي ڪاٽيون ڪائيندي اونڌي ٿي پئي، پوليس موجب گاڏي ۾ سوار هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو

جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، اکين ڏٺن شاهدن موجب ٽڪر هڻندڙ گاڏي ۾ عورتون سوار هيون

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ شاهراهِ فيصل تي پاڪستان پوسٽ آفيس ويجهو تيز رفتار ڪار ٻي گاڏي سان ٽڪرائجي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ گاڏ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

پ پ انتظامي يونٽن جي معاملي تي سياست ڪري رهي آهي: طلال چوڌري

ملڪ ۾ 70 سيڪڙو حڪمراني پيپلز پارٽي وٽ آهي، پوءِ اها حڪومتي ذميوارين کان لاتعلقي ڪيئن ظاهر ڪري سگهي ٿي؟

ٽن صوبن جا سربراهه پيپلز پارٽي سان تعلق رکن ٿا، گلگت بلتستان ۾ به ساڳي جماعت جي حڪومت آهي

اسلام آباد (بيورو) مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري چيو آهي ته پيپلز پارٽي انتظامي يونٽن جي قيام واري معاملي تي سياست ڪري رهي آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

سنڌ اسيمبلي ڪيترائي ڀيرا صوبي جي ورڇ خلاف قراردادون منظور ڪري چڪي آهي: شازيه مري

چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري سنڌ اسيمبلي جي فيصلي جي برعڪس ڪنهن قدم جي ممڪنه نتيجن بابت ڳالهه ڪئي

سنڌ اسيمبلي بار بار واضح ڪيو آهي ته هو صوبي جي ورڇ نٿي چاهي بلاول ڀٽو به ساڳئي موقف جو حوالو

جيڪڏهن سنڌ جي عوام جي راءِ جي برعڪس ڪو فيصلو مڙهيو ويو ته ان جو ردعمل سامهون اچي سگهي ٿو

هن سنڌ اسيمبلي جي قرارداد ۽ عوامي فيصلي جي تناظر ۾ ممڪنه نتيجن جي ڳالهه ڪئي هئي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي وزيرجي صدارت ۾ سنڌ جي درگاهن جي ترقياتي ڪمن بابت اهم اجلاس صوبائي وزير اوقاف، مذهبي امور، زڪوات و عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ محڪمه اوقاف، مذهبي امور، زڪوات و عشر ۽ محڪمه ورڪس اينڊ سروسز

ڪراچي: صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

صوبائي وزير رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ اهم اجلاس منعقد

زائرين کي پيش ايندڙ بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن جي بهتري بابت مختلف معاملن تي تفصيلي غور ڪيو ويو

شهباز علي شاهه، ايڪس اي اين حيدرآباد اسدالله بلو ۽ ايگزيڪيوٽو انجنيئر اوقاف اياز احمد سومرو شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) اوقاف، مذهبي معاملن، زڪوات ۽ عشر کاتن واري صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي جي صدارت هيٺ درگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪئميرا لڳل عينڪن جي خريد ۽ وڪري تي پابندي، وفاق کان رپورٽ طلب

لاهور(م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ ڪئميرا لڳل عينڪن جي خريد ۽ وڪري تي پابندي بابت درخ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

بشريٰ بي بي کي هر قسم جون امڪاني سهولتون ڏيڻ جو حڪم

اسلام آباد (بيورو) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ بشريٰ بي بي کي جيل ۾ هر قسم جون امڪاني سهولتون ڏيڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

عوامي مسئلن جي موثر حل لاءِ نون صوبن ۽ انتظامي يونٽن جي قيام جو مطالبو زور وٺڻ لڳو

ڪراچي(رپورٽر)ملڪ ۾ بهتر حڪمراني، انتظامي سهولتن جي فراهمي ۽ عوامي مسئلن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

بهاولنگر: تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار 2 نوجوان فوت

جنهن جي نتيجي ۾ ٻه نوجوان موقعي تي ئي فوت ٿي ويا

حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون

بهاولنگر (م ڊ) بهاولنگر جي قاضي والا روڊ واري علائقي ۾ تيزرفتار ٽرالر موٽرسائيڪل سوارن کي چيپاٽي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ ٻه نوجوا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

پي ٽي آءِ ميمبرن پاران حڪومتي ڪارڪردگيءَ تي خدشن جو اظهار

وڌندڙ مهانگائي عام ماڻهوءَ جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي، جڏهن ته صوبي ۾ بدامنيءَ ۾ به اضافو ٿيو آهي: چوڌري پرويزالاهي

حڪومت جي غلط پاليسين سبب زراعت جو شعبو بحران جو شڪار آهي

لاهور (م ڊ) پي ٽي آءِ جي مرڪزي صدر چوڌري پرويزالاهي سان پارٽي جي اسيمبلي ميمبرن ملاقات ڪري صوبائي حڪومت جي ڪارڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

پاڪستان ڪسٽمز انفورسمينٽ ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ ٽن الڳ ڪارروايون

ڪروڙن رپين ماليت جي اسمگل ٿيل سپاري، پارٽي ٿهيل گٽڪا، تماڪ وارين شين، شيشه فليورز ۽ شيشه جي سامان کي ضبط

ڪارروايون آر سي ڊي شاهراهه، سپر هاءِ وي ۽ نمائش چورنگي جي علائقن ۾ ڪيون ويون

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان ڪسٽمز انفورسمينٽ ڪراچي شهر جي مختلف علائقن ۾ ٽن الڳ ڪارروائين دوران ڪروڙن رپين ماليت جي اسمگل ٿيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

سنڌ ۾ ن ليگ ۽ مصطفيٰ ڪمال جي ڪا حيثيت ناهي: سعيد غني

نون صوبن جي قيام ۽ نظام جي تباهي بابت بحث پيپلز پارٽي شروع ناهي ڪيو بلاول ڀٽو انهن معاملن تي ڪليل نموني پنهنجي راءِ ڏني ته سيني جون ڌاتهون نڪري ويون

بلاول جي بيان کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو ويو، ماضي ۾ ڪراچي ۾ لساني فسادن سبب هزارين ماڻهو مارجي ويا هئا

ڪيترن ئي سالن کان صوبي ۾ امن قائم آهي، پر ايم ڪيو ايم جي موجوده مهم سبب لساني نفرتون وڌي رهيون آهن

ايم ڪيو ايم صوبي جي معاملي کي ٻئي طرف وٺي وڃي رهي آهي ۽ نفرتون پکيڙي رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) صوبائي وزير محنت سعيد غني چيو آهي ته سنڌ ۾ مسلم ليگ (ن) ۽ مصطفيٰ ڪمال جي پارٽي جي ڪا سياسي حيثيت ناهي، خواجا آصف کي صلاح آهي ته هو بلاول ڀٽو زرداري جي ڳالهه مجي وٺي. پريس ڪانفرنس ڪندي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

مير رضا ڪيس ۾ جلد ڪجهه نه ڪجهه سامهون اچي ويندو: والد

ڪراچي (رپورٽر) مير رضا جي والد مير حسين چيو آهي ته ڪيس جي جاچ هاڪاري رخ ۾ اڳتي و/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

ٽنگواڻي ۾ ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، هڪ ڄڻو قتل

ٽنگواڻي (رپورٽر) ٽنگواڻي پرسان جمال پوليس ٿاڻي جي حد ۾ نندواڻي برادري جي ٻن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

مشهور ڳائڻي طفيل سنجراڻي جي گاڏي ڪراچي جي علائقي بلديه ٽائون ۾ اسپتال ٻاهران چوري ٿي وئي

ڪراچي (رپورٽر) مشهور ڳائڻي طفيل سنجراڻي جي گاڏي ڪراچي جي علائقي بلديه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: صوبائي وزير محمد بخش مهر اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

رينجرز جي ڪارروائي، فتنہ الخوارج سان لاڳاپيل جوابدار گرفتار

ڪراچي جي علائقي منگهوپير مان جوابدار حنيف عرف شينا ولد سخي بادشاهه کي گرفتار ڪري ورتو

رينجرز جوابدار جي قبضي مان ٻه موبائل فون ۽ هڪ موٽرسائيڪل به هٿ ڪري ورتي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان رينجرز (سنڌ) ڳجهي ڄاڻ جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي منگهوپير مان فتنہ الخوارج سان تعلق رکندڙ ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

19هين سنڌ گيمز 13 کان 17 ڊسمبر تائين سکر ۾ منعقد ٿينديون: سردار محمد بخش مهر

سنڌ پنڪ گيمز 27 کان 29 نومبر تائين شهيد بينظير آباد ۾ ٿينديون، راندين وارو وزير سردار محمد بخش مهر

سيڪريٽري اسپورٽس منور علي مهيسر، ڊائريڪٽر اسپورٽس اسد اسحاق، ڊائريڪٽر سيد حبيب الله، سمورن ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسرن (DSOs) سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت

اجلاس ۾ راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر 19هين سنڌ گيمز 13 کان 17 ڊسمبر تائين سکر ۾ منعقد ڪرائڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

ڪراچي(رپورٽر) راندين ۽ نوجوانن جي معاملن بابت سنڌ جي وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ 19هين سنڌ گيمز ۽ سنڌ پنڪ گيمزجي انتظامن ۽ تيارين بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو. جنهن ۾ سيڪريٽري اسپورٽس منور ع/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

لاهور: صوبائي وزير خواجه سلمان رفيق سان علما جو وفد ملاقات ڪندي

پهرين جنوري 2027 جو سج ڪيترن ئي صوبن جي پاڪستان سان گڏ اڀرندو: ڊاڪٽر فاروق ستار

ڊسمبر ۾ ملڪ ۾ ريفرنڊم ڪرايو ويندو، چار صوبن بدران انتظامي يونٽن جي قيام سان ملڪ ۾ اختيارن ۽ وسيلن جي منصفانه ورڇ ممڪن ٿيندي

سندس ابن ڏاڏن پاڪستان کي برطانوي حڪمرانن کان آزاد ڪرايو هو ۽ هاڻي سندن نسلون ملڪ کي ڪارن انگريزن کان آزاد ڪرائڻ لاءِ ميدان ۾ آهن

سندس مطابق ماضي ۾ انتظامي سڌارن جي نالي تي مختلف تجربا ڪيا ويندا رهيا، پر هاڻي ملڪ ۾ نون انتظامي يونٽن جي قيام جي ضرورت تي ڳالهه ٿي رهي آهي

ڪراچي(رپورٽر) متحده قومي موومينٽ پاڪستان جي سينيئر اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار دعويٰ ڪئي آهي ته پهرين جنوري 2027 جو سج ڪيترن ئي صوبن جي پاڪستان سان گڏ اڀرندو، جڏهن ته ڊسمبر ۾ ملڪ ۾ ريفرنڊم ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
خميس 19 نومبر 2026ع بمطابق 08جمادي الثاني 1448هه

سنڌ جي وحدت ۽ عوامي حقن جو سوال

سنڌ جي وحدت، صوبن جي نئين سرجوڙجڪ ۽ ملڪ ۾ اختيارن جي ورڇ بابت جاري بحث هڪ ڀيرو ٻيهر قومي سياست ۾ اهم موضوع بڻجي ويو آهي. پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران سنڌ جي زبردستي ورهاڱي جي امڪان تي سخت ردعمل ۽ وفاقي اطلاعات واري وزير عطا الله تارڙ پاران صوبن بابت بحث جاري رکڻ جي حمايت، ملڪ ۾ ان معاملي جي سياسي ۽ آئيني حساسيت کي وڌيڪ نمايان ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف بلاول ڀٽو زرداري خبردار ڪيو آهي ته سنڌ کي طاقت جي زور تي ورهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته ان جا نتيجا انتهائي خطرناڪ ٿي سگهن ٿا، جڏهن ته ٻئي طرف وفاقي حڪومت جو موقف آهي ته صوبن جي قيام ۽ بهتر حڪمراني بابت بحث کي روڪي نٿو سگهجي ۽ عوام کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق حاصل آهي. بظاهر ٻنهي موقفن ۾ عوام جي راءِ ۽ جمهوري حقن جو ذڪر موجود آهي، پر اصل سوال اهو آهي ته عوام جي مرضي معلوم ڪرڻ، آئين جي بالادستي قائم رکڻ ۽ ڪنهن صوبي جي وحدت بابت فيصلو ڪرڻ جو اختيار ڪهڙي آئيني ۽ جمهوري طريقي سان استعمال ٿيڻ گهرجي. سنڌ جو معاملو رڳو انتظامي حدبندين يا نئين صوبي جي قيام جو معاملو ناهي، پر ان سان سنڌ جي تاريخ، سڃاڻپ، ثقافت، ٻولي، سياسي جدوجهد ۽ آئيني حيثيت جڙيل آهي. سنڌ پاڪستان جي وفاق جي هڪ تاريخي ۽ آئيني وحدت آهي، جنهن جي ماڻهن پنهنجي ڌرتيءَ جي وحدت، وسيلن ۽ اختيارن جي تحفظ لاءِ مختلف دورن ۾ جدوجهد ڪئي آهي. ون يونٽ جي قيام دوران سنڌ جي حيثيت ختم ڪرڻ جي ڪوشش کان وٺي جمهوريت جي بحالي ۽ صوبائي خودمختياريءَ جي تحريڪن تائين سنڌ جي سياسي تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته سنڌ جي ماڻهن پنهنجي قومي ۽ آئيني سڃاڻپ بابت فيصلن کي ڪڏهن به معمولي انتظامي معاملو نه سمجهيو آهي. اهڙي پسمنظر ۾ سنڌ جي ورهاڱي بابت ڪنهن به بحث کي نظرانداز ڪرڻ يا ان کي رڳو انتظامي سهولت جو نالو ڏيڻ سان پيدا ٿيندڙ خدشن کي ختم نٿو ڪري سگهجي. بلاول ڀٽو زرداري ڪراچي پريس ڪلب ۾ ڳالهائيندي واضح ڪيو ته جيڪڏهن سنڌ کي زبردستي ورهايو ويو ته ان جا نتيجا سماجي دشمني ۽ خونريزي جي صورت ۾ ظاهر ٿي سگهن ٿا. هن چيو ته سنڌ ۾ ڀاءُ ڀاءُ سان وڙهندو ۽ عام ماڻهو هٿيار کڻڻ تي مجبور ٿي سگهن ٿا. سندس بيان جو بنيادي نڪتو سنڌ جي وحدت بابت عوامي رضامندي ۽ آئيني طريقيڪار جي اهميت آهي. البت سياسي اڳواڻن لاءِ ضروري آهي ته اهڙن حساس معاملن تي ڳالهائيندي عوام کي پرامن جمهوري جدوجهد، قانون ۽ آئين جي بالادستيءَ جو پيغام ڏين، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي وحدت جو تحفظ ڪنهن به قسم جي تشدد بدران سياسي شعور، عوامي اتحاد ۽ آئيني جدوجهد ذريعي ئي ممڪن آهي. سنڌ جي ماڻهن جي تاريخي جدوجهد به اهو ثابت ڪري ٿي ته عوامي حقن جي حفاظت لاءِ پرامن سياسي مزاحمت ۽ جمهوري آواز بنيادي اهميت رکن ٿا. ٻئي طرف وفاقي اطلاعات واري وزير عطا الله تارڙ جو چوڻ آهي ته صوبن بابت بحث کي روڪي نٿو سگهجي، عوام کي پنهنجي راءِ ڏيڻ جو حق آهي ۽ ريفرنڊم عوامي راءِ معلوم ڪرڻ جو بهترين طريقو آهي. سندس موقف آهي ته ڪنهن به صوبي جي عوام جي مرضي ڪانسواءِ ڪو ايجنڊا لاڳو نٿو ڪري سگهجي. اصولي طور تي عوامي راءِ، جمهوري حقن ۽ بهتر حڪمراني بابت بحث ڪرڻ ۾ ڪو حرج ناهي، پر سوال اهو آهي ته ڇا هر سياسي يا انتظامي تجويز کي آئين ۾ موجود طريقيڪار کان مٿانهون ڪري سگهجي ٿو؟ پاڪستان جو آئين صوبن جي حدن ۾ تبديلي ۽ نئين صوبي جي قيام لاءِ واضح قانوني طريقو مقرر ڪري ٿو. آئين جي آرٽيڪل 239(4) تحت ڪنهن صوبي جي حدن ۾ تبديلي بابت آئيني ترميم لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جي ڪل ميمبرن جي اڪثريت جي منظوري لازمي آهي. ان ڪري ريفرنڊم کي آئين ۾ مقرر ڪيل لازمي پارلياماني ۽ صوبائي منظوريءَ جو متبادل قرار نٿو ڏئي سگهجي. عوامي راءِ جو احترام پنهنجي جاءِ تي، پر آئين جي مقرر ڪيل طريقيڪار جي پابندي به اوتري ئي ضروري آهي. هتي هڪ اهم فرق سمجهڻ جي ضرورت آهي ته انتظامي سهولتن لاءِ صوبن اندر نوان انتظامي يونٽ ناهڻ، مڪاني حڪومتن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ڪنهن صوبي جي آئيني حدن کي تبديل ڪري نئون صوبو قائم ڪرڻ، ٽي الڳ معاملا آهن. جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ انتظامي مسئلا آهن، عوام کي سرڪاري سهولتون نٿيون ملن، تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي ڍانچي جي حالت خراب آهي ته انهن مسئلن جو حل بهتر حڪمراني، اختيارن جي حقيقي منتقلي، مضبوط مڪاني نظام ۽ وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۾ ڳولڻ گهرجي. ڪنهن به علائقي جي پسماندگيءَ کي بنياد بڻائي سڄي صوبي جي وحدت بابت تڪرار پيدا ڪرڻ بدران انهن محرومين جي اصل سببن کي ختم ڪرڻ ضروري آهي. سنڌ جي شهرن توڙي ٻهراڙين ۾ رهندڙ هر شهري کي برابرحق، سهولتون ۽ ترقيءَ جا موقعا ملڻ گهرجن، پر ان مقصد لاءِ صوبي جي آئيني حيثيت کي تڪراري بڻائڻ بدران موجود نظام کي بهتر ڪرڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. سنڌ ۾ رهندڙ اردو ڳالهائيندڙن سميت سمورين ٻولين، قومن ۽ برادرين جو سنڌ سان تعلق تاريخي، سماجي ۽ معاشي حقيقت آهي. ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ سنڌ جي ٻين شهرن ۾ رهندڙ سيئي مستقل باشندا سنڌ جي گڏيل سماج جو حصو آهن. سنڌ جي وحدت جو مطلب ڪنهن هڪ ٻولي يا برادري جي بالادستي نه، پر سيني رهاسين جي گڏيل حقن، برابري، تحفظ ۽ عزت جو نالو آهي. سنڌ جي سياسي قيادت ۽ وفاقي حڪومت ٻنهي جي ذميواري آهي ته ڪنهن به اهڙي بحث کي هٿي نه ڏين، جيڪو مستقل آباد ماڻهن ۾ بي اعتمادي، خوف يا نفرت پيدا ڪري. ڪراچيءَ جي مسئلن جو حل ڪراچيءَ کي سنڌ کان الڳ ڪرڻ ۾ نه، پر شهر کي ان جا جائز وسيلا، بااختيار ۽ جوابده مڪاني ادارا، صاف پاڻي، ٽرانسپورٽ، روزگار ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ آهي. ساڳيءَ ريت سنڌ جي ٻين شهرن ۽ ضلعن جي محرومين جو ازالو به لازمي آهي. بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خطاب ۾ ملڪ جي سياسي ۽ اداراتي بحران تي پڻ ڳالهائيندي پارليامينٽ تي مخالف ڌر جو اعتماد بحال ڪرڻ، سياسي قيدين جي آزادي، سياسي انتقام جي خاتمي ۽ ميڊيا آزاديءَ جي ضرورت تي زور ڏنو هو. هن 27هين آئيني ترميم کي اتفاق راءِ بدران اڪثريت جي زور تي منظور ڪرڻ تي اعتراض ڪندي چيو ته ادارن تان عوام جو اعتماد ختم ٿي رهيو آهي. سندس موقف موجب سياسي بحاليءَ جي شروعات پارليامينٽ کان ٿيڻ گهرجي ۽ وزيراعظم وٽ پيپلز پارٽي جي ڪابينا ۾ شامل ٿيڻ لاءِ مناسب اختيار هجڻ گهرجن. اهي معاملا به ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال سان سڌيءَ ريت ڳنڍيل آهن، ڇاڪاڻ ته جڏهن پارليامينٽ ۾ مخالف ڌر جو اعتماد ڪمزور، سياسي اختلاف دشمنيءَ ۾ تبديل ۽ ادارا تڪرارن جي ور چڙهيل هجن ته اهڙي ماحول ۾ صوبن جي نئين سرجوڙجڪ جهڙو حساس معاملو وڌيڪ پيچيدگيون پيدا ڪري سگهي ٿو. ملڪ ۾ سياسي استحڪام لاءِ ضروري آهي ته حڪومت مخالف ڌر کي رڳو تنقيد ڪندڙ ڌر سمجهڻ بدران جمهوري عمل جو لازمي حصو تسليم ڪري. سياسي قيدين، سياسي انتقام ۽ اختلاف راءِ بابت بلاول ڀٽو جا اعتراض پنهنجي جاءِ تي هڪ وسيع قومي بحث جا متقاضي آهن. ساڳئي وقت حڪومت کي به اهو حق حاصل آهي ته هو پنهنجي پاليسين جو دفاع ڪري ۽ عوام آڏو پنهنجو موقف پيش ڪري، پر جمهوريت جو اصل حسن اهو آهي ته اختلاف راءِ کي برداشت ڪيو وڃي، مخالف ڌر کي ڳالهائڻ جو موقعو ڏنو وڃي ۽ قومي اهميت جي معاملن تي پارليامينٽ ۾ ڪليل بحث ۽ اتفاق راءِ پيدا ڪيو وڃي. جيڪڏهن حڪومت ۽ مخالف ڌر ۾ پاڻ ۾ ويهي ڳالهائڻ لاءِ تيار نه هوندا ته صوبن، وفاق ۽ قومي وسيلن جهڙن معاملن تي بحث به ٻڌڻ بدران بحث تي چڪتاڻ جو شڪار ٿيندو رهندو. بلاول ڀٽو زرداري پاران پيٽروليم ليوي مان صوبن کي ملڻ واري حصي، صوبائي وسيلن ۽ وفاقي ذميوارين بابت اٿاريل سوال به اهميت رکن ٿا. جيڪڏهن صوبن کي سندن جائز مالي وسيلا ۽ آئيني حق وقت سر نٿا ملن ته تعليم، صحت، روڊن، پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي فراهمي متاثر ٿيندي. وفاق ۽ صوبن وچ ۾ مالي وسيلن جي ورڇ بابت شڪايتن کي سياسي بيانن تائين محدود رکڻ بدران گڏيل مفادن واري ڪائونسل، قومي مالياتي ڪميشن ۽ ٻين آئيني فورمن تي حل ڪرڻ گهرجي. سنڌ سميت سمورن صوبن کي سندن آئيني مالي حق ملڻ سان وفاق مضبوط ٿيندي جڏهن ته وسيلن جي منصفاڻي ورڇ کانسواءِ صوبن جي محرومين ۽ بي اعتماديءَ ۾ اضافو ٿيندو رهندو. ملڪ جي موجوده معاشي صورتحال به اهڙي سياسي چڪتاڻ جي متحمل نٿي ٿي سگهي. مهانگائي، بيروزگاري، غربت، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ قيمتن، زراعت جي بحران ۽ عوام جي بنيادي مسئلن وچ ۾ سياسي قيادت جو ڌيان انتظامي ۽ آئيني تڪرارن بدران عوام جي زندگي بهتر بڻائڻ تي هجڻ گهرجي. بلاول ڀٽو زرداري پاڻ به اعتراف ڪيو آهي ته ملڪ جي معاشي حالتن ۽ غريب طبقن جي مستقبل بابت ڪيس ڳڻتي آهي ۽ سياستدان عوام جا مسئلا وساري چڪا آهن. اها ڳالهه وفاقي حڪومت توڙي صوبائي حڪومتن لاءِ غور طلب آهي ته جڏهن عام ماڻهو ٻن ويلن جي ماني، علاج، تعليم ۽ روزگار لاءِ پريشان آهي ته ان وقت سياسي قيادت کي عوامي مسئلن کي اوليت ڏيڻ گهرجي. سنڌ جي ورهاڱي بابت بحث ۾ هڪ ٻيو اهم پاسو اهو به آهي ته ڪنهن به صوبي جي وحدت ۽ حدن بابت فيصلو رڳو حڪومتي بيانن، سياسي جلسن يا انتظامي تجويزن ذريعي نٿو ٿي سگهي. اهڙي حساس معاملي لاءِ آئين ۾ مقرر ڪيل طريقيڪار، صوبائي اسيمبليءَ جي منظوري، پارلياماني بحث ۽ لاڳاپيل عوام جي حقن جو احترام بنيادي شرط آهن. وفاقي وزير کي به اهو واضح ڪرڻ گهرجي ته سندس پيش ڪيل ريفرنڊم واري تجويز آئين جي ڪهڙي شق ۽ ڪهڙي قانوني دائري تحت عمل ۾ اچي سگهي ٿي، جڏهن ته سنڌ جي سياسي قيادت تي به لازم آهي

آئيني عهدن جي متاستا

سهيل وڙائچ

قلم ۽ خيال جا گهوڙا وڏن وڏن ايشوز تي ڊوڙي رهيا آهن، پر پاڻيءَ جي سطح جي هيٺان ڪجهه ٻيو به ٿي رهيو آهي جيڪو سيني جي قلم ۽ خيال جو سراسر موضوع ئي ناهي. صدر زرداري ۽ وزيراعظم شهباز شريف جي لاهور ۾ ٿيندڙ غيرمعمولي ملاقات ۾ نون ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي ۾ آئيني متا ستا اهم ترين موضوع رهيو. نون پيپلز پارٽي جي مخلوط حڪومت جي معاهدي ۾ طئيهفتو ٿيو هو ته اڍائي سالن تائين آئيني عهدا هڪ پارٽي وٽ رهندا ۽ پوءِ انهن ۾ متا ستا ٿيندي. چيئرمين سينيٽ جو عهدو پيپلز پارٽيءَ کي مليو هو ۽ اسپيڪر قومي اسيمبلي جي ڪرسي نون ليگ جي هٿ آئي هئي. اقتدار جا اڍائي سال گذري چڪا آهن، هاڻي پيپلز پارٽي چاهي ٿي ته اسپيڪر قومي اسيمبلي جو عهدو کين ملي ۽ چيئرمين سينيٽ جو عهدو نون ليگ وٺي. ڳالهين جي ايجنڊا ۾ هي معاملو زير بحث آيو ۽ ان جي حل جي امڪاني پهلوئن تي سير حاصل گفتگو ٿي. ڪجهه وقت اڳ تائين اسپيڪر قومي اسيمبلي اياز صادق کي وزيراعظم جي قاصد هن آئيني عهدن جي متا ستا جو پيغام ڏنو هو ته هن قومي اسيمبلي جي اندرين بحراني صورتحال جو حوالو ڏيئي هن معاملي کي ملتوي ڪرڻ جي درخواست ڪئي هئي، پر ائين ٿو لڳي ته هاڻي پيپلز پارٽيءَ جو اتحادي معاهدي تي عمل درآمد ڪرڻ تي اصرار وڌي رهيو آهي.

آئيني متا ستي جي ايجنڊا تي هجڻ جو واضح ثبوت هن غيرمعمولي اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کان به ملي ٿو. اسپيڪر قومي اسيمبلي اياز صادق ۽ قانون واري وزيراعظم نذير تارڙ جي موجودگي هن اهم موضوع جي سڌي طرح ڌر هجڻ جي ڪري به هئي. رانا ثناء الله نون ليگ جو سياسي ٿنڪ ٽينڪ آهي ۽ سياسي معاملن جي پروڙ بابت اٿارٽي سمجهيو ويندو آهي، ان ڪري هو نون ليگ جي پاليسي ۽ حڪمت عمليءَ جي سياسي تفهيم لاءِ اتي موجود هوندو آهي. پيپلز پارٽيءَ جي وفد جا نالا پڻ ساڳيءَ متا ستا سان لاڳاپيل هئا؛ راجا پرويز اشرف، نئير بخاري ۽ سليم مانڊوي والا تي مشتمل وفد آئيني متا ستا جو سڌي يا اڻسڌي طرح ڌر آهي يا پوءِ ماضي ۾ ڌر رهيو آهي. نئير بخاري پيپلز پارٽيءَ طرفان چيئرمين سينيٽ رهي چڪو آهي، صدر زرداري، بلاول ڀٽو ۽ فريال ٽالپور ٽنهي ليڊرن سان قربت رکن ٿا، راجا پرويز اشرف پي ڊي ايم جي پهرين حڪومت جو اسپيڪر قومي اسيمبلي رهي چڪو آهيل جڏهن ته سليم مانڊوي والا جو نالو چيئرمين سينيٽ لاءِ پيپلز پارٽيءَ جي پسنديده اميدوار طور ورتو ويندو رهيو آهي. لاهور ۾ ٿيندڙ غيرمعمولي اجلاس جي شرڪت ڪندڙن جي پس منظر کي جيڪڏهن هن ڏس ۾ ڏٺو وڃي ته پڪ ٿي وڃي ٿي ته آئيني عهدن جي متا ستا هن غيرمعمولي ملاقات جي ايجنڊا جو اهم ترين آئٽم رهيو هوندو.

آئيني عهدن جي متا ستا جي حوالي سان پيپلز پارٽيءَ کي پڻ ڪيترين ئي اندروني پيچيدگين کي منهن ڏيڻو پوندو. صدر زرداري جو چيئرمين سينيٽ جي ممڪنه اميدوار طور سليم مانڊوي والا جو نالو پسنديده هوندو، پر روايت اها آهي ته جيڪڏهن صدر سنڌ کان هجي ته چيئرمين سينيٽ ڪنهن ٻئي صوبي مان هوندو آهي. صدر زرداري ۽ سينيٽر مانڊوي والا ٻنهي جو تعلق سنڌ سان آهي، ان ڪري اها پيچيدگي پڻ لازمي طور تي زير بحث آئي هوندي. اهڙي طرح اسپيڪر قومي اسيمبلي جي متا ستا جي حوالي سان پڻ مختلف نالن جي مثبت ۽ منفي پهلوئن تي بحث ڪيو ويو هوندو. نون ليگ کي جيڪڏهن چيئرمين سينيٽ جو عهدو متا ستا ۾ ملي ٿو ۽ اسپيڪر هاڻي پيپلز پارٽيءَ کي ملڻو آهي، ته اهو معاملو پڻ ضرور زير بحث آيو هوندو. راجا پرويز اشرف ممڪنه ٽاپ اميدوار ٿي سگهن ٿو، پر جيڪڏهن سرائيڪي وسندي کان چيئرمين سينيٽ جي سيٽ واپس ورتي وڃي ٿي ته ممڪن آهي ته اسپيڪر قومي اسيمبلي جو عهدو ڪنهن سرائيڪي کي ملي وڃي.

صدر زرداري کي سڃاڻڻ وارا ڄاڻن ٿا ته هو ويڙهن ۽ جهيڙن کي ختم ڪرائڻ ۾ هميشه ثالث جو ڪردار ادا ڪندو رهيو آهي. ممڪنه طور تي هن وزيراعظم شهباز شريف کي پنهنجي وزير سالڪ حسين ۽ سندس پائٽيءَ وزيراعليٰ مريم نواز شريف جي ۾ پيدا ٿيندڙ رنجشن کي ختم ڪرائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ضرور چيو هوندو. اندازو اهو آهي ته نوابشاهه ۾ ٿيندڙ ميٽنگ ۾ انهن کان فرمائش پڻ ڪئي وئي هوندي ته هو وزيراعظم شهباز شريف سان چئي وقت کان گهٽو اڳ شروع ٿيندڙ هن ويڙهه کي ختم ڪرائين. ۽ صدر زرداري پنهنجي صلح ڪرائڻ واري طبيعت ۽ چوڌري شجاعت جي ذاتي احترام جي پيش نظر اهو ڪردار چڱيءَ طرح ادا ڪيو هوندو.

سياست، طاقت ۽ اقتدار جون ڪيترائي تهه هوندا آهن. سياست جي هيٺئين تهه ۾ متا ستا جي ڊيل ٿي رهي آهي ۽ ان کان مٿئين سطح يعني زمين تي سالڪ ۽ مريم جي وچ ۾ صلح صفائي ۽ سزفائر جو معاملو هلي رهيو آهي، ۽ سياست جي سڀ کان مٿئين سطح يعني آسمان تي نون صوبن، نئين آئيني اسڪيم ۽ ريفرنڊم جي منصوبن جو واويلا متل آهي. سياست جا ماڻهو پيرن ۾ زنجيرون پاتل هوندا آهن ۽ اقتداري سياستدان دلگير آهن. اقتداري چپ چاپ آهن، انهن جي خاموشي صرف ڊپ ۽ خوف جي سبب جي ڪري نه ٿي سگهي، ان ۾ ڪجهه نه ڪجهه تعلق دانائي، حڪمت ۽ تجربي جو پڻ هوندو. نون ليگ ۽ پيپلي ٻئي مختلف تجربن مان گذري ڪندن تي چڪا آهن. نه شهباز شريف ايترو سادو آهي جيترا هو ڏرڻ ۾ اچي ٿو ۽ نه ئي انهن کان ڳالهه مڃائڻ ۽ ڪم ڪرائڻ ايترو آسان آهي جيترو هو تاثر ڏين ٿا. هو طاقتورن کي ڪڏهن نه نٿا چون، پر طريقن سان 'ها' نه ڪرڻ جي سببن تي قائل ڪري وٺندا آهن. اقتدار جو ٻيو رانديگر زرداري ظاهري طرح متيءَ جو ماڌو لڳي ٿو جنهن جي باري ۾ اهو غلط تاثر آهي ته انهن کي ڪرپشن جي زهر آلود تلوار جي هڪ ئي وار سان ڪپي سگهجي ٿو، پر انهن جي متيءَ جي بناوت ۾ پٿر ۽ روڙيونان پڻ شامل آهن جيڪي تلوار جو وار سهي ڪري به ٽٽن نٿا. ٻيئي ليڊر تمام گهرا آهن، ٻيئي ويڙهه جي نه پر مفاهمت جي ڳالهه ڪندا آهن، ٻئي ڳالهين ذريعي حل ڪڍڻ تي يقين رکن ٿا. ٻئي اقتداري ڌر سان هر صورت ۾ ٺاهه رکڻ چاهين ٿا. حد اها آهي ته ٻيئي جهٽڪا برداشت ڪري به تلخ نٿا ٿين. صدر زرداري چين جي دوري جي رستي ۾ روڙا اٽڪائڻ تي حيران ۽ پريشان ضرور ٿيو هو، پر ناراضگي جو اظهار نه ڪيو هو. شهباز شريف ته ڪيترن ئي سفاتي معاملن تي پروٽوڪول کان هٽي ڪري ڪيل قدمن تي مٿي تي گهنج تائين نه آندو.

اهڙيءِ طرح صدر ۽ وزيراعظم جي موجودگي ۾ نون صوبن، آئيني معاملن ۽ ريفرنڊم تي سياست کي بائي پاس ڪرڻ ان ڪري ڏکيو هوندو جو اهي وڙهڻ بدران گڏ هلڻ جا قائل آهن. ۽ قافلي ۾ شامل ماڻهن کي ڪير ڏڪاري سگهي ٿو؟ اڃا تائين ته ائين لڳي رهيو آهي ته اهي ٻيئي سياستدان انهن معاملن کي نه ته ٽوڙي خير سمجهن ٿا ۽ نه ئي في الحال اهو مڃڻ لاءِ تيار آهن ته سڌيءَ آڱر سان گيهه نه نڪرندو. ٻيئي ناممڪن کي ممڪن بنائڻ جو تجربو رکن ٿا ۽ هاڻي پڻ انهن جو خيال آهي ته هو پنهنجي سياست بچائي وٺندا.

نوجوانن ۾ تيزيءَ سان وڌندڙ ڪينسر جا سبب ۽ علاج

اعجاز ممنائي

ڪينسر کي اڳ ۾ وڏي عمر جي بيماري سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي 20 کان 49 ورهين جي نوجوانن ۾ به ڪيترن ئي قسمن جي ڪينسر جا ڪيس وڌي رهيا آهن. تحقيق موجب انگلينڊ، آمريڪا ۽ نيدرلينڊ ۾ نوجوانن ۾ آندن، گردن، جگر، سيني ۽ رحم جي ڪينسر ۾ نمايان واڌ ڏٺي وئي آهي. نوجوانن ۾ ڪينسر وڌڻ جو سڀ کان اهم سبب موهاپو ۽ پروسيس ٿيل خوراڪ جو وڌندڙ استعمال آهي. فاسٽ فوڊ، مٺي مشروبات، تريل کاڌي ۽ گهٽ فائبر واري غذا سان جسم ۾ سوزش، انسولن جي مزاحمت ۽ هارمونن ۾ تبديلي اچي ٿي، جيڪا آندن، سيني ۽ رحم جي ڪينسر جو خطرو وڌائي ٿي. انگلينڊ جي تحقيق ۾ موهاپو واحد وڏو خطرو هو جيڪو ٻن ڏهاڪن ۾ وڌيڪ خراب ٿيو، پر ماهرن جو چوڻ آهي ته اهو سڄي واڌ جي وضاحت نٿو ڪري.

سگريٽ، بيڙي، گٽڪا، نسوار ۽ پان ۾ موجود ڪيميائي مادا سيلن جي ڊي اين اي کي نقصان پهچائين ٿا. عالمي سطح تي تمباڪو ڪينسر جو سڀ کان وڏو بچاءُ لائق سبب آهي ۽ نون ڪيسن مان لڳ ڀڳ 15 سيڪڙو ان سان لاڳاپيل آهن. نوجوانن ۾ خاص طور وات، ڳلي ۽ ڦڦڙن جي ڪينسر جو خطرو ان ڪري وڌي ٿو.

شراب کي بين الاقوامي اداري پاران گروپ 1 ڪارسيوجن قرار ڏنو ويو آهي، يعني اهو سڌي ريت ڪينسر پيدا ڪري سگهي ٿو. شراب جگر، وات، ڳلي، آندن ۽ سيني جي ڪينسر سان لاڳاپيل آهي. ان سان گڏ گهٽ ننڊ، دير تائين جاڳڻ، ذهني دٻاءُ ۽ ويٺل طرز زندگي مدافعتي نظام کي ڪمزور ڪن ٿا.

ڪلاڪن جا ڪلاڪ موبائل، ڪمپيوٽر ۽ اسڪرين اڳيان ويهڻ سان وزن وڌي ٿو ۽ ميٽابولزم متاثر ٿئي ٿو. ماهرن موجب ويٺل زندگي، ننڊ جي کوٽ ۽ موهاپو هاڻي نوجوانن ۾ شروع ٿيندڙ ڪينسر سان مضبوط لاڳاپو رکن ٿا. ڪجهه وائرس به ڪينسر جو سبب بڻجي سگهن ٿا. HPV سروائيڪل ڪينسر، هيپاٽائيٽس B ۽ C جگر جي ڪينسر ۽ HELICOBACTER PYLORI معدي جي ڪينسر سان لاڳاپيل آهن. عالمي ڪيسن مان لڳ ڀڳ 10 سيڪڙو ڪينسر انفيڪشنز سان لاڳاپيل آهن. هوائي آلودگي، صنعتي ڪيميائي مادا، پلاسٽڪ ۾ موجود مواد ۽ ڪم جي جاءِ تي زهريلي شين سان رابطو نوجوان نسل کي ننڍپڻ کان متاثر ڪري رهيو آهي. ڊبليو ايڇ او موجب هوائي آلودگي ۽ ماحولياتي نمائش به ڪينسر جي بچاءُ لائق سببن ۾ شامل آهن.

هر ڪينسر طرز زندگي سان نٿو ٿئي. ڪجهه ماڻهن ۾ خانداني جينياتي تبديليون هونديون آهن، جن ڪري گهٽ عمر ۾ ڪينسر ٿي سگهي ٿو. تنهن هوندي به لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو ڪينسر موروثي نه پر ماحول ۽ طرز زندگي جي ڊي اين اي کي نقصان پهچائڻ وارن عنصرن سان لاڳاپيل سمجهيا وڃن ٿا

انکري بهتر آهي ته تمباڪو ۽ سگريٽ کي مڪمل ڇڏيو وزن ڪنٽرول ۾ رکو ۽ روز گهٽ ۾ گهٽ 30 منٽ پنڌ ڪريو تريل ۽ پروسيس ٿيل کاڌي کي گهٽايو، سبزيون، ميوا ۽ داليون استعمال ڪريو HPV ۽ هيپاٽائيٽس B جي ويڪسين لڳرايو مسلسل بخار، بي سبب وزن گهٽڻ، زخم نه ڀرڻ يا جسم ۾ ڳوڙهو محسوس ٿيڻ تي دير نه ڪريو چوته نوجوانن ۾ ڪينسر جي واڌ جو ڪو هڪ سبب ناهي، پر موهاپو، غير متوازن غذا، تمباڪو، ويٺل زندگي، انفيڪشن ۽ آلودگي گڏجي خطرو وڌائين ٿا. عالمي تحقيق موجب لڳ ڀڳ 37 سيڪڙو ڪينسر ڪيس بچاءُ لائق سببن سان لاڳاپيل آهن. تنهن ڪري صحتمند عادتون ۽ بروقت چيڪ اپ سڀ کان وڏو هٿيار آهن. نئين تحقيق ۾ انڪشاف ٿيو آهي ته وڌيڪ چربي وارين غذائن جي استعمال سان آندن جي اسٽيم سيلز جي ڊي اين اي ۾ ڊگهي مدي وارين تبديليون اچن ٿيون، جنهن سبب ڪولن ڪينسر ۾ مبتلا ٿيڻ جو خطرو وڌي وڃي ٿو.

بقايا * 01**

لو ميٽر ڊگهي اها پل ميرپور ۾ منگلاڊيم تي تعمير ڪئي وئي آهي جنهن کي مڪمل ٿيڻ ۾ 19 سال لڳا. ملاقات ۾ وفاقي حڪومت طرفان آزاد ڪشمير حڪومت سان ترقياتي منصوبن ۾ مڪمل تعاون ۽ ماضي ۾ خطي جي تعمير، ترقي ۾ وفاقي حڪومت جي ڪردار جو به ذڪر ڪيو ويو انهي موقعي تي آزاد ڪشمير جي ترقي لاءِ پنجاب حڪومت جي فعال ڪردار تي به ڳالهيون ٿيون. ملاقات ۾ آزاد ڪشمير ۾ چونڊن جي دوران ڪيل واعدن تي عملدرآمد يقيني بنائڻ جي حوالي سان به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وزيراعظم آزاد ڪشمير افتخار گيلاني ڪشميري عوام جي خوشحالي ۽ فلاح، بهبود جي لاءِ ترقياتي منصوبي تي ڀرپور انداز ۾ عملدرآمد يقيني بنائڻ جي آرادي جو اظهار ڪيو ملاقات ۾ شريف پائرن کان علاوه پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز، وفاقي وزيرن احسن اقبال، انجنيئر امير مقام، طارق فضل چوڌري، عطاءالله تارڙ، وزيراعظم جو صلاحڪار راڻا ثناءالله، سينيٽر پرويز رشيد ۽ پنجاب جي سينئر وزير مريم اورنگزيب سميت ٻيا ماڻهو شريڪ هئا. صوبائي ۽ وفاقي حڪومت جي نمائندن تي ٻڌل ليگي وفد پارٽي اڳواڻ نوازشريف سان گڏ آيو جيڪو آزاد ڪشمير جي 2 ڏينهن جي دوري تي اڄ ئي مظفر آباد پهتو نوازشريف جي سربراهي ۾ ليگي وفد مسلم ليگ(ن) آزاد ڪشمير جي اڳواڻ راجه بابر علي ذوالقرنين سان ملاقات ڪئي ۽ انهي جي والد اڳوڻي صدر آزاد جمون، ڪشمير راجه ذولقرنين خان جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ رنج جو اظهار ڪيو مظفرآباد ۾ مصروفيتون مڪمل ڪرڻ کان پوءِ نوازشريف ۽ مريم نواز سياحتي هنڌ نيلم ويلي جي علائقي تاو بٽ روانه ٿي ويا جڏهن ته وزيراعظم شهباز شريف واپس اسلام آباد موٽي ويو.

بقايا * 02**

پاڪستان پيپلز پارٽي جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري موجوده حڪومت کي ناجائز سمجهي ٿو ته آصف علي زرداري کي صدر جي عهدي تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته پيپلز پارٽي چوي ٿي ته حڪومت اهو سڀ ڪجهه ڪري رهي آهي ته سوال اهو آهي ته آصف علي زرداري ڪنهن جي ووٽن سان صدر چونڊيو هو؟ جيڪڏهن پيپلز پارٽي سمجهي ٿي ته موجوده حڪومت ناجائز آهي ته زرداري کي صدارت تان استعيفيٰ ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته پيپلز پارٽي هن وقت به حڪومت جو حصو آهي ۽ خيبرپختونخواهه ۾ گورنر راج لاڳو ڪرڻ جي صورت ۾ انهي جي منظوري تي صحيح بلاول ڀٽو جي والد ئي ڪيون هيون. خيبرپختونخواهه ۾ پيپلز پارٽي جو گورنرئي سمورا معاملا هلائي رهيو آهي. جماعت اسلامي جي امير چيو ته بلاول ڀٽو نوان صوبا ناهڻ تي رتوڇاڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو پيپلز پارٽي 1972ع ۾ لساني بل آڻي فساد ڪرايا هئا ۽ انهي پارٽي هميشه جمهوريت تي راتاهو هنيو آهي. حافظ نعيم الرحمان پريس ڪانفرنس ۾ وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي انتظامي صوبن جو تعداد وڌائڻ جي حق ۾ آهي، نوان صوبا ناهڻ جي لاءِ آئيني فريم ورڪ کي سامهون رکڻ گهرجي، اهڙو ڪو به رد عمل جيڪو ملڪ ۾ رتوڇاڻ جو سبب بڻجي انهي جي اصلاح ٿيڻ گهرجي. جماعت اسلامي جي امير پريس ڪانفرنس ۾ پ پ تي وڌيڪ تنقيد ڪندي چيو ته 2024 جي چونڊن جي نتيجي مان فائدو کڻندڙن ۾ اها پارٽي شامل آهي. ڪراچي ۾ ميئر جي چونڊن ۾ به هيرا ڦيري ڪئي وئي جڏهن ته ڪراچي مان قومي اسيمبلي جون پيپلز پارٽي جون 7 سيٽون ناجائز آهن. بلاول ڀٽو انهن سيٽن جا فارم 45 ڏيکاري. حافظ نعيم الرحمان چيو ته بلاول ڀٽو اڄ پاڪستان تحريڪ انصاف سان همدردي جو اظهار ڪري رهيو آهي ته سوال اهو آهي ته انهن ماضي ۾ پي ٽي آءِ جي حڪومت ڇو ڪيرائي هئي. هن سنڌ ۾ ڪرپشن تي به تنقيد ڪندي چيو ته صوبي ۾ ڪرپشن جاري آهي. نوان صوبا قائم ڪرڻ جي طريقيڪار بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته جيڪڏهن آئين ريفرنڊم جي اجازت ڏئي ٿو ته انهي ۾ ڪو به حرج نه آهي نوان انتظامي يونٽس عوامي راءِ ۽ آئيني طريقيڪار موجب قائم ٿيڻ گهرجن. ڪراچي ۽ لاڙڪاڻي ۾ پيپلز پارٽي ۽ ايم ڪيوايم جي پراڻي لساني سياست وڌيڪ نٿي هلي سگهي. حافظ نعيم الرحمان سموري ملڪ ۾ مڪاني چونڊون فوري ڪرائڻ ۽ مقامي حڪومتن کي آئيني طور تي اختيار منتقل ڪرڻ جو مطالبو به ڪيو هن جو چوڻ هو ته پنجاب ۾ 2015 کان پوءِ مڪاني چونڊون نه ٿيون آهن جڏهن ته اسلام آباد ۾ مڪاني چونڊن جو شيڊول جهون پيرو معطل ڪيو ويو آهي.

بقايا * 03**

اعليٰ سطحي وفد سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن حڪومت سنڌ جو دورو ڪيو جتي فائونڊيشن جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر گهنور علي لغاري ۽ سينيئر انتظامي عملدارن وفد جي آجيان ڪئي. ان موقعي تي وفد کي سنڌ ۾ تعليم جي واڌاري، فائونڊيشن جي ڪردار، مختلف تعليمي پروگرامن، جاري منصوبن ۽ حاصلات بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي اجلاس دوران جائيڪا ۽ سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن وچ ۾ 2016ع کان جاري سهڪار ۽ غير رسمي تعليم جي شعبي ۾ ٿيل اڳڀرائي بابت آگاهي ڏني وئي. وفد کي ٻڌايو ويو ته ٻنهي ادارن جي گڏيل سهڪار سان سنڌ ۾ غير رسمي تعليم بابت پاليسي جوڙڻ، غير رسمي تعليم جي نصاب جي منظوري ۽ نوٽيفڪيشن سميت ايڊوانسڊ ڪوالٽي آلٽرنيٽو لرننگ (AQAL) منصوبي تحت مختلف اهم قدم کنيا ويا آهن. ان موقعي تي غير رسمي تعليم جي دائري کي وڌيڪ وڌائڻ ۽ مستقبل ۾ گڏيل سهڪار کي مضبوط بڻائڻ بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. جائيڪا جي وفد سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جي ڪوشش کي ساراهيندي خاص طور تي پٺتي پيل ۽ ڏورانهن علائقن ۾ ٻارن لاءِ تعليمي موقعا فراهم ڪرڻ جي قدمن کي پڻ ساراهيو جائيڪا جي وفد ۾ جاپان هيڊڪوارٽر جي ايڊوائزر بيسڪ ايجوڪيشن اڪيڪو ڪوموري، ايجوڪيشن ايڊوائزر ڪيڪو ميزونو، سينيئر ايڊوائزر ايجوڪيشن نوبوهيرو ڪونيدا، پروگرام آفيسر سوزوڪا ڪوريڪي، AQAL منصوبي جي چيف ايڊوائزر چيهو اوهاشي، ايسوسيئيٽ ايڊوائزر مڪي موريتا، جائيڪا پاڪستان آفيس جي نمائندي سيڪو توميزاوا، ڊپٽي چيف ايڊوائزر عابد گل، سنڌ جي صوبائي ڪوآرڊينيٽر حبيب خاصخيلي ۽ ٽريننگ آفيسر ڪلثوم بروهي شامل هئا.

بقايا * 04**

شهرين جي ساموندي دستاويزن ۾ سنگين بي ضابطگين جو سراغ لڳائيندي لاڳاپيل شپنگ ڪمپني آير ايس سي پاڪستان تي مجموعي طور تي 10 لک رپيا ڏنڊ هڻي ڇڏيو ترجمان ايف آءِ اي مطابق اميگريشن عملدارن جهاز تي مقرر ڀارتي عملي جي ٻن ميمبرن جي سي مين دستاويزن جي جاچ پڙتال دوران نشاندهي ڪئي ته انهن وٽ نيشنل سي مين بڪ يا لاڳاپيل فليگ اسٽيٽ طرفان جاري ڪيل درست سي مين بڪ موجود نه هئي، جڏهن ته پيش ڪيل سرٽيفڪيٽ آف ڊسچارج (CDC) دستاويز به مقرر گهرجن مطابق نه هئا ايف آءِ اي مطابق دستاويزن ۾ بي ضابطگين وارن ڀارتي شهرين جي سڃاڻپ آٽلنگم ڪارٿيڪيان ۽ وليڪٽل بابو سزليجينااليسان تي ٻنهي وٽ ترتيب وار بيليز ۽ سينٽ ڪٽس اينڊ نيوس جي جاري ڪيل سي ڊي سي دستاويز موجود هئا، جن کي اميگريشن عملدارن قاعدن ضابطن مطابق نه هجڻ جي بنياد تي غير تسلي بخش قرار ڏنو

بقايا * 05**

ن جا پئسا غيرقانوني طور منتقل ڪري رهيا آهن اين سي سي آءِ اي مطابق جعلي ڪمپنيون مبينا طور جعلي بينڪ اڪائونٽس ٺهرائي انهن کي بينڪنگ نظام سان ڳنڍينديون آهن، جنهن ڪانپوءِ انهن اڪائونٽس ذريعي رقم جي منتقلي جو سلسلو شروع ڪيو ويندو آهي اداري مطابق جعلساز انهن جعلي بينڪ اڪائونٽس کي آن لائن گيمز ۽ بيٽنگ پورٽلز سان به ڳنڍي ڇڏيندا آهن بظاهر رقم بينڪ کان ڪمپني ڏانهن منتقل ٿيندي ڏيکاري ويندي آهي، پر حقيقت ۾ هي رقم جعلي اڪائونٽس ۾ منتقل ڪئي پئي ويندي آهي اين سي سي آءِ اي چيو ته هن نوعيت جي مالي فراڊ جي روڪٿام لاءِ لاڳاپيل ادارن جي نظام کي وڌيڪ موثر ۽ محفوظ بڻائڻ جي ضرورت آهي هن سلسلي ۾ سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (ايس اي سي پي) جي نظام کي مضبوط بڻائڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن کي تجويزون ڏيڻ تي ڪم ڪيو پيو وڃي.

بقايا * 06**

ي ڳالهه تي ڪنهن کي به خوفزده ٿيڻ نه گهرجي.

بقايا * 07**

سعيد غني چيو ته نون صوبن جي قيام ۽ نظام جي تباهي بابت بحث پيپلز پارٽي شروع ناهي ڪيو. بلاول ڀٽو انهن معاملن تي ڪليل نموني پنهنجي راءِ ڏني ته سيني جون ڌيانهون نڪري ويون. هن چيو ته بلاول جي بيان کي غلط انداز ۾ پيش ڪيو پيو وڃي، ماضي ۾ ڪراچي ۾ لساني فسادن سبب هزارين ماڻهو مارجي ويا هئا. ڪيترن ئي سالن کان صوبي ۾ امن قائم آهي، پر ايم ڪيو ايم جي موجوده مهم سبب لساني نفرتون وڌي رهيون آهن. سعيد غني الزام لڳايو ته ايم ڪيو ايم صوبي جي معاملي کي ٻئي طرف وٺي وڃي رهي آهي ۽ نفرتون پکيڙي رهي آهي. هن چيو ته بلاول هميشه واضح ڪيو آهي ته ڪراچي سيني جو شهر آهي، صوبائي وزير چيو ته آئين ۾ واضح ڪيل معاملن تي ريفرنڊم نٿو ڪرائي سگهجي. ايم ڪيو ايم اڳ به آئيني ترميم ذريعي آرٽيڪل 239 ۾ تبديلي جي ڪوشش ڪئي هئي، جيڪا سنڌ حڪومت ۽ اسيمبلي رد ڪري ڇڪيون آهن. هن چيو ته هر سياسي جماعت کي پرامن جلسن ۽ ريليز جو حق آهي، پر 29 نومبر تي ٿيندڙ سرگرمين لاءِ انتظاميا کان اجازت وٺڻ ضروري آهي. جيڪڏهن ڪنهن ريلي سان امن امان خراب ٿيڻ جو خدشو ٿيو ته حڪومت ان کي روڪڻ تي غور ڪندي. سعيد غني وڌيڪ چيو ته ايم ڪيو ايم ڌمڪي ڏئي رهي آهي ته زبردستي ريلي ڪيندي، جيڪڏهن امن خراب ٿيو ته ذميواري ان تي هوندي. خواجا آصف کي مشورو آهي ته بلاول ڀٽو جيڪو چوي ٿو ان تي عمل ڪن.

بقايا * 08**

ڏي رهي آهي ۽ تمام جلد ڪا اهم اڳڀرائي سامهون اچي ويندي. ڪراچي ۾ جي آءِ ٽي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ، مير رضا جي والد سان ملاقات ڪئي. ملاقات ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ميرحسين چيو ته پهريون ڀيرو ائين ٿيو آهي جو ڪو ڊي آءِ جي پاڻ اسان وٽ آيو آهي. هن چيو ته جي آءِ ٽي جاچ ڪري رهي آهي، هن وقت وڌيڪ ڪجهه شيئر نٿو ڪري سگهان، جاچ ٽيم ۾ انٽيليجنس ادارا به شامل آهن. اميد آهي ته ڪيس حل ٿي ويندو. مير حسين جو چوڻ هو ته جيڪڏهن اڳوڻين جاچ ٽيمن مان پهرين يا ٻي ٽيم به جي آءِ ٽي وانگر ڪم ڪري ها ته شايد جوابدار هن وقت عدالت ۾ هجن ها. ٻئي طرف جي آءِ ٽي سربراهه ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هو مير رضا جي وارثن سان ملاقات ڪرڻ آيو هو. هن چيو ته ملاقات جو مقصد وارثن کي هيل تائين ٿيل اڳڀرائيءَ کان آگاهه ڪرڻ هو. ڊي آءِ جي عرفان بلوچ ٻڌايو ته ڪيس جي ٽيڪنيڪي بنيادن تي جاچ ڪئي پئي وڃي، شروعاتي مرحلي ۾ ڪجهه غلطيون سامهون آيون هيون. هن چيو ته ضرورت پوڻ تي گرفتاريون به ڪيون وينديون. ناظم آباد ۾ ڪي برانچ مان هٿ آيل هٿيارن جو فرانزڪ ڪرايو پيو وڃي، جڏهن ته جاچ ۾ رهجي ويل ٻين پهلوئن کي به شامل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي.

بقايا * 09**

ڌرين وچ ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي، علائقي ۾ سخت ڇڪتاڻ پکڙجي وئي. ٽنگوائي پرسان جمال پوليس ٿاڻي جي حد هزارو شاخ وٽ ننڊوائي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو، جنهن دوران ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي مٿان فائرنگ ڪئي وئي. فائرنگ جي نتيجي ۾ حاڪم پٽ صوبو ننڊوائي گوليون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو، جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو واقعي ڪانپوءِ علائقي ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو جڏهن ته ٻنهي ڌرين وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺڻ بعد اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا * 10**

ٽائون ۾ اسپتال ٻاهران چوري ٿي وئي، جنهن جو ڪيس مدينه ڪالوني ٿاڻي ۾ داخل ڪري ورتو ويو آهي ڪيس جي متن مطابق ڳاڙهوٽفيل سنجراڻي طبي معائني لاءِ اسپتال ويو هو، پر جڏهن هو معائني ڪانپوءِ ٻاهر آيو ته سندس گاڏي اتي موجود نه هئي گاڏي غائب ٿيڻ تي هن پوليس سان رابطو ڪيو ۽ واقعي جو ڪيس داخل ڪرائي ڇڏيو پوليس ڪيس داخل ڪري چوري ٿيل گاڏي جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ واردات ۾ ملوث جوابدارن جو سراغ لڳائڻ لاءِ جاچ جاري آهي ٻئي پاسي آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو واقعي جو فوري نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ڪياماڙي

ن موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. حادثي جي اطلاع ملڻ تي پوليس جي وڏي نفري ۽ امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون. فوتي نوجوانن جا لاش ضروري ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪيا ويا. پوليس اختيارين موجب فوت ٿيندڙن ۾ رحمان ۽ سلمان علي شامل آهن، جن جي عمر 17 کان 18 سالن جي وچ ۾ هئي. حادثو تيز رفتاري سبب پيش آيو پوليس وڌيڪ ٻڌايو ته ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد نوجوانن جا لاش وارثن حوالي ڪيا ويا آهن، جڏهن ته واقعي جي جاچ پڻ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا * 16**

جڏهن ته ملڪ ۾ 70 سيڪڙو حڪمراني پيپلز پارٽي وٽ آهي، پوءِ اها حڪومتي ذميوارين کان لاتعلقي ڪيئن ظاهر ڪري سگهي ٿي؟ اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي طلال چوڌري چيو ته ٽن صوبن جا سربراهه پيپلز پارٽي سان تعلق رکن ٿا، گلگت بلتستان ۾ به ساڳي جماعت جي حڪومت آهي، جڏهن ته چيئرمين سينيٽ ۽ صدر پاڪستان جو تعلق پڻ پيپلز پارٽي سان آهي. هن چيو ته ايترا اهم حڪومتي عهدا پيپلز پارٽي وٽ هجڻ باوجود حڪومت کان لاتعلقي ظاهر ڪرڻ جو ڪهڙو جواز آهي؟ انتظامي يونٽن بابت ڳالهائيندي هن چيو ته نوان انتظامي يونٽ قائم ڪرڻ جو مقصد انهن علائقن ۾ حڪومتي نظام بهتر بڻائڻ آهي، جتي عوام کي بنيادي سهولتون ميسر ناهن. طلال چوڌري وڌيڪ چيو ته عمران خان 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ سزا ڪاٽي رهيو آهي، جڏهن ته سندس وڪيل دليل ڏيڻ بدران عدالتي ڪارروائي ۾ دير ڪرڻ جا حربا استعمال ڪري رهيا آهن.

بقايا * 17**

ي ڪلنيون کائيندي اونڌي ٿي پئي. پوليس موجب گاڏي ۾ سوار هڪ ڄڻو زخمي ٿي پيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو اکين ڏٺن شاهدن موجب ٽڪر هڻندڙ گاڏي ۾ عورتون سوار هيون، جيڪي حادثي ڪانپوءِ گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويون. پوليس جو چوڻ آهي ته حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن ته هيل تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي.

بقايا * 18**

ي تجربن مان سکي سگهن ٿا ۽ پنهنجي ماڻهن جي زندگين کي بهتر بڻائي سگهن ٿا. سنڌ جي وڏي وزير اهم سيمينار منعقد ڪرڻ تي چيني قونصل جنرل ۽ ڪراچي ڪائونسل آن فارين رليشنز جو شڪريو ادا ڪيو پاڪ چين دوستي اسان کي وڏن ترقياتي منصوبن تي گڏجي ڪم ڪرڻ جو اعتماد ڏنو آهي: سنڌ جو وڏو وزير چيو آهي ته سنڌ جي وڏي وزير چيو ته عوامي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪ-چين دوستي جي بنياد رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ايندڙ نسلن پاڪستان ۽ چين جي دوستي کي وڌيڪ مضبوط ڪيو آهي: سنڌ جو وڏو وزير سنڌ جي وڏي وزير چيو ته پاڪ چين دوستي نسل در نسل وڌي آهي. پاڪ-چين تعاون عوامي ڀلائي جي منصوبن تائين وڌائڻ چاهيون ٿا: سنڌ جو وڏو وزير سنڌ جي وڏي وزير چيو ته گذريل 35 سالن ۾، چين دنيا جي معروف صنعتي ۽ پيداواري معيشتن مان هڪ بڻجي چڪو آهي. چين 2025 جي آخر تائين 50 هزار ڪلوميٽر کان وڌيڪ تيز رفتار ريلوي نيٽ ورڪ تعمير ڪندو: سنڌ جي وڏي وزير چيو آهي ته چين جديد ريلوي نظام ذريعي شهرن ۽ روزگار جي منڊين کي ڳنڍيو آهي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته چين ۾ سراسري عمر 1990 ۾ لڳ ڀڳ 68 سالن کان وڌي 78 سالن تائين پهچي وئي آهي، چين جي ترقي ڏهاڪن جي معاشي سڌارن ۽ انفراسٽرڪچر ۾ سيڙپڪاري جو نتيجو آهي چين پنهنجي ڊگهي مدي واري ترقياتي منصوبن کي عملي نتيجن ۾ تبديل ڪري ڏيکاريو آهي چين جي ترقياتي تجربن مان سنڌ لاءِ به اهم سبق مليا آهن چين جي ڪاميابين جو جائزو وٺي سنڌ ۾ بهتر گورننس ۽ عوامي خدمتن کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو هرحڪومت لاءِ مکيه چئلينج عملي طور تي شهرين تائين سٺا فيصلا پهچائڻ آهي چين جي گورننس سسٽم جا ٽي پهلو اهم آهن: تسلسل، ادارن جي وچ ۾ هم آهنگي، ۽ عوامي نتيجا، سنڌ جي وڏي وزير چيو چين جي 15 هين پنج سالا ترقياتي منصوبي ۾ 2026 کان 2030 تائين ترقياتي ترجيحون مقرر ڪيون ويون آهن سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڊگهي مدي واري ترقياتي ترجيحن کي سالياني بجيٽ ۽ عملي قدمن جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. ترقياتي منصوبن ۾ تسلسل سان بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا حڪومتي پاليسيون صرف گڏجاڻين تائين محدود نه هجڻ گهرجن، پر انهن جا ثمر عوام تائين پهچڻ گهرجن سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ جديد شهري انتظام جو نظام چاهي ٿي سنڌ جي وڏي وزير پاران ڪراچي جي هڪ ضلعي ۾ سٽي آپريشن اينڊ مئنيجمينٽ سينٽر جو پائلٽ پروجيڪٽ شروع ڪرڻ جي تجويز سنڌ جي وڏي وزير ووهان جي سٽي آپريشن اينڊ مئنيجمينٽ سينٽر ۾ جديد شهري انتظامي نظام جو مشاهدو ڪيو چين جي شهر ووهان ۾، مختلف کاتا گڏيل معلومات جي بنياد تي شهري مسئلا حل ڪن ٿا، سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ووهان جي جديد شهري انتظامي نظام جو شروعاتي نسخو هڪ سال ۾ تيار ڪيو ويو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ووهان جي سٽي آپريشن اينڊ مئنيجمينٽ سينٽر جو مڪمل نظام چار سالن ۾ تيار ٿيو شهري مسئلن جي حل لاءِ سرڪاري کاتن جي وچ ۾ اثرائتي هم آهنگي ۽ هم آهنگي ضروري آهي جڏهن برسات جي پاڻي سبب روڊ پاڻي هيٺ اچن ٿا ته سنڌ جو وڏو وزير فوري طور تي ڪارروائي ڪرڻ ۽ روڊن جي سار سنڀال جي نظام کي بهتر بڻائڻ چاهي ٿو سنڌ جي وڏي وزير روڊن تي پاڻي جمع ٿيڻ جي شڪايتن جي فوري جواب لاءِ مربوط نظام متعارف ڪرائڻ جي تجويز پيش ڪئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته لاڳاپيل اداري پاران فوري ڪارروائي ۽ شهرين جي شڪايتن تي ذميواري جو تعين ضروري آهي. سنڌ جي وڏي وزير جو چوڻ آهي ته ڪراچي ۾ جديد شهري انتظام نظام جي پائلٽ پروجيڪٽ جي نتيجن جي بنياد تي، ان کي ٻين علائقن تائين وڌائي سگهجي ٿو سنڌ جي وڏي وزير ڪراچي جي تجويز ڪيل پائلٽ پروجيڪٽ ۾ چيني مقامي حڪومت جي ماهرن ۽ انجنيئرن جي شموليت جي آجيان ڪئي. سنڌ جو وڏو وزير ڪراچي ۾ جديد شهري انتظامي نظام لاءِ مقامي آفيسرن، انجنيئرن ۽ يونيورسٽين کي گڏ ڪرڻ چاهي ٿو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته جديد شهري نظام هلائيندڙ ٽيمن جي تربيت شروع کان ئي منصوبي جو حصو هجڻ گهرجي، چين 2020 جي آخر تائين پنهنجي مقرر ڪيل معيارن موجب ڳوٺاڻي غربت جي خاتمي جو اعلان ڪيو. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته چين ۾، 1990 ۾ ڳوٺاڻي آبادي جو لڳ ڀڳ 75 سيڪڙو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيو هو سنڌ جي وڏي وزير چيو ته چين ۾ لڳ ڀڳ 600 ملين ماڻهو 2000 ۽ 2020 جي وچ ۾ غربت جي لڪير کان مٿي آيا. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته چين مرحليوار اقتصادي ترقي ۽ ٽارگيٽيڊ قدمن ذريعي غربت ۾ نمايان گهٽتائي ڪئي آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته زرعي پيداوار ۾ واڌ سان چين جي ٻهراڙي وارن علائقن ۾ آمدني ۾ بهتري آئي آهي، چين ۾ صنعتڪاري ۽ روزگار جي نون موقعن سان ماڻهن جي معاشي حالت بهتر ٿي آهي.

بقايا * 19**

پابندين ۽ بندشن تي سخت تنقيد ڪرڻ جي معاملي ۾ صدر ولاديمير پيوٽن سان گڏ بيٺل آهي. اڄ صبح ايشيا پيسفڪ اڪنامڪ ڪو آپريشن (APEC) جي چيف ايگزيڪيوٽوز واري سربراهي اجلاس ۾ شي جن پنگ "آزاد ۽ کليل واپار" جو مطالبو ڪيو جڏهن ته پيوٽن پابندين باوجود روس جي ثابت قدميءَ کي ساراهيو يوڪرين ۾ ماسڪو جي جنگ سبب روس جي فوجي، ٽيڪنالاجي ۽ صنعتي شعبن کي پابندين جو نشانو بڻايو ويو آهي. ٻئي طرف، چين کي انساني حقن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ فوجي ترقيءَ سان لاڳاپيل پابندين ۽ بندشن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. شي جن پنگ واشنگٽن ڊي سي طرفان لاڳو ڪيل پابندين تي بار بار تنقيد ڪندو رهيو آهي، اپيڪ جي هن اجلاس ۾ ۽ ٻين موقعن تي به. بيجنگ جو چوڻ آهي ته هو گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل کان ٻاهر لاڳو ڪيل هڪ طرفي پابندين کي تسليم نٿو ڪري. چين ۽ روس ٻنهي وٽ سلامتي ڪائونسل ۾ ويٽو جو اختيار موجود آهي. شنگهائي ۾ روس بابت ماهر ڊاڪٽر وان چينگسونگ جو چوڻ آهي ته ٻنهي ملڪن کي وڌندڙ دٻاءُ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، ڇاڪاڻ ته سپلاءِ چين جا عالمي نيٽ ورڪ ورهائجي رهيا آهن ۽ حڪومتون خاص طور تي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي شعبن ۾ پنهنجين صنعتن جي تحفظ لاءِ قدم کڻي رهيون آهن. اوڀر چين نارمل يونيورسٽي جي روس اسٽڊيز سينٽر جو ڊپٽي ڊائريڪٽر وان چوي ٿو ته، "چين ۽ روس لاءِ وڌيڪ ويجهو سهڪار رڳو هڪ ٻئي لاءِ معاشي فائدي جي ڳالهه ناهي، پر اهو عالمي معاشي خطرن کان بچاءُ جو هڪ طريقو پڻ آهي. "ٽرمپ چين جي شهر شينزن پهچي ويو صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايشيا پئسفڪ اقتصادي سهڪار (ايپيڪ) جي اڳواڻن جي سربراهي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ چين جي شهر شينزن پهچي ويو آهي. ٽرمپ آمريڪا جو پهريون ويٺل صدر آهي، جيڪو هن شهر جو دورو ڪري رهيو آهي. شينزن کي چين جي "سليڪون ويلي جي جواب" طور سڃاتو وڃي ٿو ۽ اهو ملڪ جي وڏن ٽيڪنالاجي ڪمپنين جو مرڪز آهي.

بقايا * 20**

چيو ته ٿرڪول مان 3500 ميگا واٽ کان وڌيڪ بجلي پيدا ٿي رهي آهي، جيڪا نيشنل گرڊ ۾ ويندي آهي، بجلي هجي يا گئس، ٻنهي جي لوڊشيڊنگ جاري آهي. ٻهراڙين وارن علائقن ۾ گئس اچي ئي نه ٿي، جڏهن ته شهري علائقن ۾ به گئس نه پئي اچي شهرن جي پوش علائقن ۾ به ماڻهو سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن. ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزيرن کي پنهنجي ڪم ڪانسواءِ دنيا جو هر ڪم ڪرڻو آهي، ايم ڪيو ايم اسيمبلي ميمبر پنهنجن وفاقي وزيرن کي چوي ته اهي وفاقي ڪابينا ۾ اهو مسئلو اٿارين. وفاقي وزير هن وقت جيڪو ڪجهه ڪري رهيا آهن، اهو سندن ڪم ناهي، اهي پنهنجو اصل ڪم ڪن.

بقايا * 21**

ڻ خلاف پاڪستان ٽيسٽنگ سروس جي ريجنل ڊائريڪٽر صفدر علي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي عدالت لاڳاپيل اختيارين کي 16 ڊسمبر تي درخواست گذار خلاف سڄي سنڌ ۾ داخل ڪيسن جي تفصيلي ٻڌل رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي ٻڌڻي دوران درخواست گذار جي وڪيل نصير هاشمي ايڊووڪيٽ موقف اختيار ڪيو ته صفدر علي خلاف سرجاڻي ٽائون، سائيٽ سپر هاءِ وي ۽ ٻين ٿاڻن ۾ ڪيس داخل ڪيا پيا وڃن درخواست گذار ۽ مدعي وچ ۾ اڳ کان ئي ڪيس بازي جاري آهي جڏهن ته هرجاڻي جي دعويٰ به داخل ڪئي وئي آهي وڪيل مطابق درخواست گذار کي مبينا طور تي هراسان ڪرڻ لاءِ اقدام قتل سميت ڪوڙا ۽ بي بنياد ڪيس داخل ڪرايا پيا وڃن هڪ ڪيس ۾ ضمانت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ درخواست گذار کي ٻئي ڪيس جي خبر پوي ٿي، جنهن سبب کين قانوني مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو درخواست گذار عدالت کي استدعا ڪئي ته سندس خلاف داخل سيني ڪيسن جا تفصيل فراهم ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجي بچاءُ ۾ قانوني ڪارروائي ڪري سگهي عدالت لاڳاپيل اختيارين کان سڄي سنڌ ۾ درخواست گذار خلاف داخل ڪيسن جا تفصيل طلب ڪندي رپورٽ 16 ڊسمبر تي پيش ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي درخواست ۾ هوم سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ، ايڊيشنل آءِ جي، ايس ايس پي اوڀر ۽ ايس ايس پي اولهه سميت ٻين اختيارين کي ڌر بڻايو ويو آهي.

بقايا * 22**

ڪٽي پورٽ قاسم پهچي ويو نئين نظام جي تحت پهرين وڏي ايل پي جي ڪارگو جي آمد تي پورٽ قاسم تي خصوصي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ اسپيشل سيڪريٽري پيٽروليم مرزا ناصرالدين مشهود بطور مهمان خاص طور شرڪت ڪئي. اسپيشل سيڪريٽري چيو ته عوام کي مناسب قيمت تي ايل پي جي فراهمي لاءِ قدم کنيا رهيا آهيون. 15 هزار ميٽرڪ ٽن جو رڪارڊ ڪارگو ايل پي جي جي شعبي ۾ نئين دور جي شروعات آهي. پڌرائي موجب ماضي ۾ ريگوليٽري رنڊڪن سبب سرڪاري ڪمپنيون ايل پي جي درآمد نه ڪري رهيون هيون. سياري جي موسم ۾ جابلو ۽ ڀري ڀري وارن علائقن تائين ايل پي جي جي فراهمي بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي.

بقايا * 23**

واري صلاحڪار راڻا ثناءالله چيو آهي ته بلاول ڀٽو جي انهي بيان تي ته 27هين ترميم جبري اڪثريت سان ڪئي وئي انهي سان انهي جي نااهلي جو خطرو پيدا ٿي ويو آهي. نجي چينل جي پروگرام ۾ ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته جيڪڏهن هڪ پارٽي جو اڳواڻ اهو چئي ته مون دٻاءُ ۾ اچي آئيني ترميم تي ووٽ ڏنو آهي ته انهي بيان سان انهي جي نااهلي به ٿي سگهي ٿي. راڻا ثناءالله چيو ته بلاول ڀٽو 27هين ترميم جي تحت بنجندڙ جوڊيشل ڪميشن جو بينيفشري آهي. 27هين ترميم کان پوءِ جوڊيشل ڪميشن ٺهيو ۽ بلاول ڀٽو به انهي جو ميمبر آهي. بلاول ڀٽو ناراضگي ۾ اڄ اهي ڳالهيون ڪيون آهن. بلاول سنڌ

ڪيس 12 جولاءِ تي ٽيڪساس جي شهر رچمنڊ مان ان وقت گرفتار ڪيو ويو، جڏهن هو آمريڪا ڇڏڻ وارو هو.

بقايا * 28**

علان ڪري ڇڏيو آهي. ان حوالي سان سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم الرحمان ميمڻ جي صدارت هيٺ پوري صوبي جي ڪاليجن ۾ سٽين سنڌ ڪاليجز گيمز جي منعقد ڪرڻ بابت اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ڪاليجز گيمز جي شيڊول، انتظامن، مختلف ڪميٽين جي جوڙجڪ ۽ شاگردن جي سيڪيورٽي سميت ٻين معاملن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ راندين جي ڪامياب منعقد ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ رابطي، انتظامي معاملن ۽ مختلف ذميوارين جي ورهاست بابت تفصيل سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ سيڪريٽري نديم ميمڻ ٻڌايو ته سٽين صوبائي ڪاليجز گيمز جو افتتاحي تقريب ڊسمبر 2026 جي ٻئي هفتي ۾ ڪراچي ۾ ٿيندي، جڏهن ته ٻڌائي واري تقريب جنوري 2027 ۾ حيدرآباد ۾ ٿيندي. سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم ميمڻ راندين جي ڪامياب منعقد ڪرڻ لاءِ سمورا ضروري انتظام وقت سر مڪمل ڪرڻ، راندين جي شيڊول کي حتمي شڪل ڏيڻ ۽ مختلف ڪميٽين جي جوڙجڪ جي عمل کي تيز ڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي، جڏهن ته راندين ۾ شريڪ شاگردن جي سيڪيورٽي جي انتظامن لاءِ پوليس ۽ رينجرز اختيارين سان رابطو ڪرڻ جي هدايت ڪئي. سيڪريٽري ڪاليجز سنڌ نديم ميمڻ راندين ۾ اسپانسرشپ، رهائش ۽ ٻين سهولتن جي حصول لاءِ راندين واري کاتي سان رابطو ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي آهي. اجلاس ۾ اسپيشل سيڪريٽري ڪاليجز آصف جان صديقي، ايڊيشنل سيڪريٽري محمد جمن ٿيبو، ڊائريڪٽر جنرل ڪاليجز سنڌ پروفيسر زاهد حسين راڄپر، ريجنل ڊائريڪٽر ڪاليجز ڪراچي پروفيسر گلاب راءِ سميت ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

۽ وڪري تي پابندي لاڳو ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي. عدالت وفاقي حڪومت کان ايندڙ ٻڌڻي تي تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ڪارروائي 8 ڊسمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا * 32**

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ بشريٰ بي بي جي سزا خلاف اپيلن تي ٻڌڻي ٿي. بشريٰ بي بي جون ميڊيڪل رپورٽون طلب ڪرڻ جي درخواست تي به ٻڌڻي ٿي. عدالت ٻڌڻي دوران بشريٰ بي بي کي جيل ۾ هر قسم جي امڪاني سهولت ڏيڻ جو حڪم ڏيندي ريمارڪس ڏنا ته بشريٰ بي بي جي لاءِ اسپيشلسٽ ڊاڪٽر گهرجي ته ڊاڪٽر مهيا ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 01

ن فردوسي ۽ مولانا فياض حسين انقلابي خطاب ڪندي حضرت بي بي فاطمه زهرا سلام الله عليها جي سيرت، فضائل ۽ قربانين تي روشني وڌي. ان موقعي تي لالا حسيني پرسوز نوحه خواني ڪري عزاداري ڪرائي. مجلس ۾ وڏي انگ ۾ مؤمنن شرڪت ڪري امام زمانه عجل الله تعاليٰ فرجه الشريف جي خدمت ۾ سندن ڏاڏي سائڻ حضرت بي بي فاطمه زهرا سلام الله عليها جو پرسه پيش ڪيو. مجلس جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ۾ نياز بي بي سيد سلام الله عليها تقسيم ڪئي وئي، جڏهن ته ضلعي انتظاميا ۽ ايس ايس پي سڄاول پاران سيڪيورٽي جا خاص انتظام پڻ ڪيا ويا هئا

بقايا عوامي سوچ 02

شيات جا ننڍا اڏا هلي رهيا آ هن منشيات جي اڏن تي آئس هيرون چرس آفيوم شراب موجود آ هي نوجوانن جي وڏي نشي جي عادي ٿي چڪي آ هي انساني حقن جي بين الاقوامي تنظيم انٽرنيشنل هيومن رائٽس آبزور نوشهرو فيروز جي ڪو آ رڊينيٽر محمد سليم مغل ٻڌايو ته هڪ تحقيقات رپورٽ مطابق پاڪستان ۾ منشيات جي عادي ماڻهن جي تعداد 76 لک آهي جن ۾ 78 فيصد مرد ۽ 22 فيصد عورتون شامل آهن منشات استعمال ڪندڙن جي تعداد ۾ هرسال 40 هزار نون ماڻهن جو اضافو ٿي رهيو آهي جنهن کي روڪڻ لاءِ توجه جي ضرورت آهي منشيات استعمال ڪندڙ ماڻهن ۾ 8لک 60هزار هيرون جا موالي آ هن ۽ باقاعده استعمال ڪري رهيا آ هن اسان جي ڪل آبادي 3 اعشاريه 6 فيصد افراد چرس استعمال ڪن ٿا 4لک 30هزار انجيڪش ذريعي هيرون استعمال ڪن ٿا جن ۾ 73فيصد هيروني استعمال شده سرنجهون استعمال ڪن ٿا ٻئي پاسي محرابپور پوليس شهر جي وڏن منشيات فروشن کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ هڪ محنت ڪش نوجوان آصف ملڪ کي گرفتار ڪري ڪوڙو ڪيس داخل ڪري ڇڏيو وارثن پاران تحقيقات جو مطالبو ڪيو ويو آ هي،

بقايا عوامي سوچ 03

باءِ پاس تي رڪشا ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 22 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو، جڏهن ته چار ڄڻا زخمي ٿي پيا ريسڪيو ذريعن موجب حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ علي شير پونجاڻي طور ٿي آهي، جيڪو سڄاول شهر جي وارڊ نمبر هڪ، هوائي اڏي جو رهواسي هو حادثي ۾ اشرف پونجاڻي، وحيد بخش بارچ، ڪريم بارچ ۽ احسان علي بارچ زخمي ٿي پيا، جن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. زخمين مان 16 ورهين جي اشرف پونجاڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کيس وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو ويو آهي حادثي سبب علائقي ۾ ڏک ۽ افسوس جي لهر ڇانيل آهي.

بقايا عوامي سوچ 04

و، ڀروسر ڪالوني، ٺٽو ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر سميت مختلف علائقن جا دورا ڪري ملاحن کي عالمي ڏهاڙي جي تقريب ۾ شرڪت جون دعوتون ڏنيون. ان موقعي تي اميرالبحر جي چيئرمين علي مير ملاح غلام الله ۾ ستار ملاح، شبير ملاح، ماما عبدالستار ملاح ۽ پيرل پياسي ملاح پاران ڊنل آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي، جتي ملاح برادري جي معززين ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ سندس آجيان ڪئي. آجياڻي کي خطاب ڪندي اميرالبحر جي مرڪزي چيئرمين علي مير ملاح چيو ته ملاح سنڌ جا اصل وارث، سمنڊ، درياهن ۽ ڍنڍن جا محافظ ۽ سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ جو اهم حصو آهن. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ملاحن جا وڏا ڳوٺ ۽ وسنديون آباد آهن، جتي لکين ماڻهو رهن ٿا، پر افسوس جو اڄ به انهن وسندين ۾ بنيادي سهولتن جي کوٽ آهي ۽ ملاح برادري کي جائز حقن، روزگار ۽ سرڪاري نوڪرين کان محروم رکيو پيو وڃي. هن چيو ته ملاحن جو ووٽ بئنڪ وڏي اهميت رکي ٿو، سندن ووٽن تي ڪيترائي نمائندا اسيمبلين تائين پهچن ٿا، پر چونڊجڻ کانپوءِ اهي ئي نمائندا ملاح برادري جي مسئلن کان لاتعلق ٿيڄي وڃن ٿا. ملاحن جي ڳوٺن ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي، صحت، تعليم، روڊن ۽ روزگار جون سهولتون اڃا تائين اڻپوريون آهن، خاص طور تي ساحلي پٽيءَ جا ملاح غربت ۽ فاقاڪشي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن.علي مير ملاح وڌيڪ چيو ته ملاحن جو اصل روزگار مڇي مارڻ آهي، پر افسوس جو سمنڊ، درياهن، ڍنڍن ۽ مڇي مارڻ وارن تڙن تي بااثر ماڻهن جا قبضا ٿي ويا آهن، جنهن سبب صدين کان مڇيءَ جي شڪار سان لاڳاپيل ملاح پنهنجي ئي وسيلن کان محروم ٿي رهيا آهن. ملاحن کي پنهنجي اباڻي روزگار، پاڻيءَ جي وسيلن ۽ معاشي حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل آواز اٿارڻو پوندو.هن چيو ته 21 نومبر جو عالمي ڏهاڙو رڳو خوشي ملهائڻ جو ڏينهن نه، پر ملاح برادري جي حقن، سڃاڻپ، روزگار، بنيادي سهولتن ۽ وسيلن تي مالڪيءَ جي جدوجهد کي اڳتي وڌائڻ جو ڏينهن آهي. اسان چاهيون ٿا ته حڪومت ۽ چونڊيل نمائندا ملاحن جي مسئلن کي سنجيدگيءَ سان حل ڪن، سندن ڳوٺن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪن ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪن.هن وڌيڪ چيو ته انشاءالله 21 نومبر تي پنيور جي تاريخي ڌرتيءَ تي ملاحن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌ جي مختلف علائقن مان هزارين ملاح شرڪت ڪندا ۽ پنهنجي اتحاد، ايڪتا ۽ وڏي اڪثريت جو ڀرپور اظهار ڪندا. هي اجتماع ملاحن جي حقن ۽ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ هڪ گڏيل آواز ثابت ٿيندو. ان موقعي تي حاجي ذاڪر ڪلاتري، احمد ملاح، علي حسن پارهيڙي، اشرف ملاح، حسن اگهيم ۽ غلام حسين ملاح پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 05

آهي. فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سيد اعجاز علي شاهه جي عدالت ٻنهي جوابدارن کي في ڪس 12 لک 50 هزار رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو. پوليس موجب مقتول غلام فريد پارهيڙي کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ويو هو، جنهن جو ڪيس مقتول جي مائٽ عبدالله پارهيڙي جي فرياد تي سڄاول ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو. ڪيس جي جاچ سب انسپيڪٽر مير محمد ڳاڏي ڪئي، جڏهن ته عدالت ۾ سرڪاري وڪيل منور علي ڏايو ڪيس جي پيروي ڪئي. سڄاول پوليس موجب پيشوراڻي جاچ، ثبوتن ۽ استغاثه جي اثرائتي پيروي جي نتيجي ۾ عدالت ٻنهي جوابدارن کي سزا ٻڌائي آهي.

بقايا عوامي سوچ 06

ڪئي وئي. جنهن ۾ اکين جي چيڪ اپ دوران 20 مريضن جي ويجهي جي نظر خراب هجڻ جي صورت ۾ کين مفت چشما ڏنا ويا. چيڪ اپ دوران 13 مريضن کي اکين ۾ موتيو هجڻ جي تصديق ڪئي وئي، جن جا مفت آپريشن ڪرائڻ لاءِ کين اکين جي اسپتال منتقل ڪيو ويندو. ان موقعي تي ال ابراهيم آئي اسپتال مليرجي پراجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر عبدالله خشڪ، ڊاڪٽر سجاد پليجو، آئي ٽيڪنيشن انيب ميمڻ چيو ته ال ابراهيم آئي اسپتال ٺٽي ضلعي جي هر اسپتال تي اکين جي مفت ڪيمپ لڳائي رهي، جن مريضن کي آپريشن جي ضرورت آهي انهن کي گهر کان اسپتال تائين پهچائڻ لاءِ ٽرانسپورٽ جو پڻ بندوبست ڪيو ويندو آهي، مريضن کي مفت نظر جا چشما ۽ ڦڙا ڏنا وڃن ٿا. اسان جو عزم آهي ته هر ماڻهو جي صحتمند نظر هجي.

بقايا عوامي سوچ 07

ت ۽ سماجي تحفظ جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۽ پائيوار ادارن وچ ۾ بهترين رابطن، گڏيل سهڪار ۽ اثرائتي هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. هن چيو ته جاري پروگرامن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي جو باقاعدگي سان جائزو وٺڻ سان گڏ درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي. اهڙن خيالن جو اظهار هن ڊپٽي ڪمشنر سيڪريٽريٽ متياري جي لطيف هال ۾ ضلعي غذائيت بابت ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (DCCN) ۽ سنڌ سوشل پروٽيڪشن اٿارٽي جي مامتا پروگرام بابت ضلعي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (DCC)جي ٻن اهم اجلاسن جي صدارت ڪندي ڪيو. اجلاسن دوران پي پي ايچ آءِ ۽ مامتا پروگرام جي نمائندن پاران ضلعي ۾ غذائيت جي بهتري، صحت جي سهولتن، غذائي ڪوٽ جي خاتمي، مامتا پروگرام تحت مستحق عورتن ۽ ٻارن کي سهولتن جي فراهمي، جاري سرگرمين، عملدرآمد جي صورتحال ۽ مختلف شعبن ۾ حاصل ٿيندڙ اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي، جڏهن ته پروگرامن تي عملدرآمد دوران پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ڊاڪٽر امجد جمالي لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن ۽ پائيوار ادارن جي نمائندن کي هدايت ڪئي ته غذائيت جي بهتري ۽ مامتا پروگرام جي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ پنهنجو پنهنجو ڪردار ذميواري سان ادا ڪن. عوام ۾ غذائيت بابت شعور اجاگر ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون جاري رکن ۽ مستحق خاندانن تائين پروگرام جا فائدا پهچائڻ لاءِ ادارن وچ ۾ رابطن ۽ سهڪار کي وڌيڪ مضبوط بڻائين. اجلاسن ۾ ضلعي متياري جي لاڳاپيل سرڪاري کاتن جي آفيسرن ۽ غذائيت توڙي سماجي تحفظ جي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ مختلف پائيوار غير سرڪاري تنظيمن (NGOs) جي نمائندن شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 08

اجلاس منعقد ٿيو، جنهن ۾ پارٽي جي تنظيمي معاملن، يومِ تاسيس جي تيارين ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. اجلاس ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي جنرل سيڪريٽري امتياز احمد قريشي، سينئر نائب صدر ۽ ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين عبدالحميد پنهور، انفارميشن سيڪريٽري سيد محمود عالم شاهه" تعلقه ٺٽي جي صدر عبدالحميد سومرو، جنرل سيڪريٽري منور هيلايو" تعلقي گهوڙاٻاري جو صدر رمضان پنهور" جنرل سيڪريٽري حاجي جمن ميمڻ"ممتاز جلباڻي" نورحسن سرڪي" امداد سرڪي" سنڌ ڪائونسل جي ميمبر پير رحماني، مڪلي ٽائون جي چيئرمين پير زين العابدين شاهه، پورو سرڪي، پاڪستان پيپلز پارٽي ٺٽو سٽي جي صدر عبدالعزيز پڪيڙو، ضلعي آفيس سيڪريٽري آفتاب جاويد ميمڻ غلام حيدر سمو سميت ڪيٽي بندر جي تعلقي جي عهدارن" هاري ڪميٽي" لائير فورم" مينارٽي ونگ" يوٿ سميت پارٽي جي ٻين عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ يومِ تاسيس کي منظم انداز ۾ ملهائڻ ۽ پارٽي جي تنظيمي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ بابت مختلف تجويزن پڻ غور هيٺ آنديون ويون.

بقايا عوامي سوچ 09

ي روڊ بند ڪيو ويو۔ وڏي انگ ۾ گاڏيون بيهي ويون۔اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو نبي بخش سولنگي ۽ مختيارڪار ڪار ميرپور ساڪرو محمد انور ڪنيار وارثن سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرائي ڇڏيو۔

بقايا عوامي سوچ 10

د ميمڻ متان سخت تشدد،پيءُ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙ سندس پٽ آصف ميمڻ متان پسٽل جا فائر به گوليون زمين مان ٽڙي ٽنگن ۾ لڳيون ۽ ڪيس سخت تشدد جو نشانو بڻايو ويو.متاثر پيرسن عبدالعزيز ميمڻ،سندس گهرواري زوجه عبدالعزيز ۽ سندس پٽ آصف ميمڻ صحافين اڳيان دانهيندي چيو ته اسان پنهنجي شين جي ڪٽبن تي وينا هئا سين ته اسانجي پاڙي ۾ رهندڙ مجيد ميمڻ جي گهر مان اوباش نوجوان مرتضاميمڻ ولد مجيد ميمڻ،رميزولد رمون درزي پاڻ سان وڏي تعداد ۾ نامعلوم ماڻهون وٺي اوچتو پيرسن عبدالعزيز ميمڻ متان حملو ڪري لٺين،مڪن ۽ لتون سان حملو ڪري ڏنو،جڏهن پيءُ کي بچائڻ لاءِ سندس پٽ آصف ميمڻ وڌيو ته سندس متان پسٽل سان فائرنگ ڪئي وئي،جنهن ڪري به گوليون ٽڙي ڪيس ٽنگن ۾ لڳيون،فائرنگ جو آواز ٻڌي آصف ميمڻ جي امڙ مسمات زوجه عبد العزيز پٽ ۽ مڙس کي ڇڏائڻ جي لاءِ وچ ۾ ڪاهي پئي پر هن ظالمن پيرسن عورت جو حياءُ به نه ڪيو ويو هن تي به تشدد ڪري سندس جا ڪپڙا ڦاڙي ڇڏيا،جڏهن ته پاڙي وارن اچي اسان کي بچايو،جنهن بعد اسان ٺٽي ٿاڻي تي وڃي فرياد داخل ڪرائي،جتان ميڊيڪل ليٽر وٺي سول اسپتال پهچي علاج لاءِ ويا سين،هنن ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کي گذارش ڪئي ته اسان حملي ۽ فائرنگ سبب تمام گهڻي خوف ۾ ورتل آهيون،حملو ڪندڙ تمام وڏا با اثر آهن هو اسان کي ڪنهن به وقت ڪو جاني يا مالي نقصان پهچائي سگهن ٿا،اسان کي تحفظ ڏنو وڃي ۽ حملو ڪندڙن کي فوري گرفتار ڪري سندن متان ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

۽ ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي وفد جي ايس آر او گيسٽ هائوس مڪلي ٺٽو ۾ خوشگوار ملاقات ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي وفد، سرپرستِ اعليٰ نظير احمد قريشي، صدر علي اڪبر دلواڻي ۽ لالا شعيب پناڻ جي اڳواڻي ۾ سنڌ امر اخبار جي مالڪ ۽ سينئر صحافتي شخصيت محترمه ميڊم نسيم اختر شيخ سان ايس آر او گيسٽ هائوس مڪلي ٺٽو ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران صحافت جي موجوده صورتحال، ميڊيا جي ڪردار ۽ مختلف سماجي توڙي صحافتي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي وفد پاران سنڌ جي ثقافتي روايتن ۽ مهمان نوازيءَ جي علامت طور محترمه ميڊم نسيم اختر شيخ کي سنڌ جو سوکڙي لونگيون پيش ڪري سندس عزت افزائي ڪئي وئي. ميڊم نسيم اختر شيخ وفد سان خوشگوار ماحول ۾ ويچار ونڊيا ۽ محبت، احترام ۽ پنهنجائپ جو اظهار ڪيو.اها ملاقات صحافتي برادريءَ وچ ۾ رابطن، ڀائپي، احترام ۽ گڏيل سهڪار جي جذبي کي هٿي وٺرائڻ جو هڪ خوبصورت مثال بڻي وفد پاران ٺٽي آمد تي ميڊم نسيم اختر شيخ کي ڀليڪار چيو،

بقايا عوامي سوچ 12

ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي الزام لڳايو آهي ته هن حسنا سولنگي نالي عورت کي پنهنجي ملڪيت ڪرائي تي ڏني هئي، جنهن بعد ڪرائيدار طور رهندڙ عورت ڪوڙا ايگريمينٽ تيار ڪرائي ملڪيت تي قبضو ڪرڻ ۽ ملڪيت ڦٻائڻ جي ڪوشش ڪئي، هن وڌيڪ الزام لڳايو ته ملڪيت تي قبضي جي ڪوشش کان منع ڪرڻ تان ٻه ڏينهن اڳ رات دير سان مختيار عرف پپو سولنگي، سندس پاڻيجو جاويد علي ناريجو، پائينيو وقار احمد سولنگي ۽ ڪجهه نامعلوم هٿيارن جي زورتي زبردستي سندس گهر ۾ داخل ٿي حملو ڪيو ۽ متس فائرنگ ڪري کيس زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا، زخمي علي گوهر عرف بلو سولنگي جو چوڻ هو ته هٿياربندن جي فائرنگ سبب علائقي ۾ خوف ۽ حراس پکڙجي ويو، جڏهن ته کيس گوليون هڻي زخمي ڪرڻ باوجود مخالف ڌر سندس خلاف ئي بيان بازي ڪري رهي آهي، جيڪا سراسر ناانصافي آهي، هن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي صاف ۽ شفاف جاچ ڪرائي، گهر ۾ داخل ٿي حملو ڪندڙ ۽ فائرنگ ۾ ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي، سندس ملڪيت جو تحفظ يقيني بڻائي کيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

ديهن ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي 163 ديهن کي آفت سٽيل ديهون قرار ڏنو ويو آهي جاري ڪيل نوٽيفڪيسن موجب ٿرپارڪر ضلعي جي ڪل 163 ديهن جنهن ۾ مٺي تعلقي جي 27 ديهن،ڏيپلي تعلقي جي 26 ديهن،اسلام ڪوٽ تعلقي جي 21 ديهن،ڇاڇري تعلقي جي 19 ديهن، ڪلوئي تعلقي جي 9 ديهن،نگرپارڪر تعلقي جي 38 ديهن ۽ ڏاهلي تعلقي جي 23 ديهن کي آفت سٽيل ديهون قرار ڏنو ويو آهي اهڙي طرح عمر ڪوٽ ضلعي جي رڳو 25 ديهن ڏنوري، سيڪڙو، موڪلبا، دونڊر، لپيو، هورينگو، ڪپلور، لالابا، ڪچولي، سونهري، عمرڪوٽ ٽر،وهروٽر،ڪلرائي ٽر،بيرائي ٽر،ڪاروڙو ٽر،ڏيٺابا،جاهارو، ساڏوري ٽر،سبزڙي ٽر،ٽر سمون،سينهوئي ٽر،نبي سرٽر،راڄڙ ٽر،راڄڙي ٽر ۽ چور ٽر ديهن کي آفت سٽيل ديهون قرار ڏنو ويو آهي.جاري ڪيل نوٽيفڪيشن ۾ واسطيدار کاتن جي عملدارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي آفت سٽيل علائقن ۾ فوري طور امدادي ڪاروايون ڪري ماڻهن ۽ سندن مال کي رليف فراهم ڪن

بقايا عوامي سوچ 14

سان گڏ مخالف ڌر جي زيادتين خلاف سخت احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو آهي ته هوءَ ڪيترن ئي سالن کان تڪراري جاءِ تي رهائش پذير آهي ۽ ڄاڻايل جاءِ سندس ذاتي ملڪيت آهي، هن الزام لڳايو ته هن علي گوهر عرف بلو سولنگي کي جاءِ ٺهرائڻ لاءِ رقم ڏني هئي ۽ کيس پنهنجو پٽ سمجهي ملڪيت جا ڪاغذ ٺهرائڻ لاءِ چيو هو، پر هن اعتماد جو ناجائز فائدو وٺندي جاءِ جا ڪاغذ پنهنجي نالي ڪرائي ڇڏيا، هنن چيو ته هاڻي علي گوهر عرف بلو سولنگي جاءِ کي پنهنجي ملڪيت قرار ڏئي رهيو آهي ۽ هٿيارن جي زور تي جاءِ تي قبضو ڪري ويٺو آهي، حسنا سولنگي وڌيڪ الزام لڳايو ته علي گوهر پاڻ کي گوليون لڳڻ جو دعويدار ظاهر ڪري رهيو آهي، پر فائرنگ ۾ زخمي ٿيڻ بابت ميڊيڪل رپورٽ پيش ڪرڻ بدران سندن خلاف بي بنياد الزام لڳائي رهيو آهي، هنن وڌيڪ الزام هنيو ته علي گوهر عرف بلو سولنگي روز شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي سندن گهرن متان فائرنگ ڪري کين هراسان ڪندو رهي ٿو، جنهن سبب هو سخت خوف ۽ پريشاني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن، مسمات حسنا سولنگي ۽ مختيار عرف پپو سولنگي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته هڪ بيواهه ۽ بي سهارا عورت جي دانهن ٻڌي معاملي جي غيرجانبدارانا جاچ ڪرائي وڃي، سندن ملڪيت ۽ جانين جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي، هنن چيو ته پوليس کاتي ۽ اعليٰ اختيارين کي ڪيترائي ڀيرا درخواستون ۽ شڪايتون ڏيڻ باوجود اڃا تائين ڪو به نوٽيس ناهي ورتو، جنهن ڪري هو انصاف لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن

بقايا عوامي سوچ 15

و اعلان نوابشاهه: اين سي ايڇ ڊي (NCHD)سان لاڳاپيل ضلعي شهيد بينظيرآباد جي استادن گذريل پنجن مهينن کان پگهارون نه ملڻ باوجود پنهنجيون تدريسي ذميواريون جاري رکندي معصوم ٻارن کي تعليم جهڙي زيور سان نوازڻ جو سلسلو برقرار رکيو آهي. مهنگائي جي هن سخت دور ۾ پنجن مهينن کان پگهارن جي بندش سبب استادن جا گهر ڀاتي سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن. استادن جو چوڻ آهي ته هو پنهنجي معاشي مشڪلاتن باوجود اسڪولن ۾ حاضري ڀري ٻارن جي تعليم جو سلسلو جاري رکندا پيا اچن، پر سندن بنيادي حق پگهار جي ادائيگي لاءِ ڪو به عملي قدم نظر نٿو اچي. استادن موجب جيڪڏهن هو اسڪولن ۾ نه وڃن ته بالا آفيسرن جي ناراضگي ۽ دٻاءَ کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پر سندن معاشي مسئلن ۽ گهرن جي حالتن ڏانهن ڪو به ڌيان نٿو ڏنو وڃي. اين سي ايڇ ڊي جي استادن پگهارن جي فوري ادائيگي لاءِ ٻن ڏينهن تائين اسڪول بند ڪري احتجاج ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. استادن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سندن رهيل پنجن مهينن جون پگهارون فوري طور جاري ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي. استادن جو چوڻ آهي ته تعليم جو سلسلو جاري رکڻ لاءِ استادن جو معاشي تحفظ به ضروري آهي

بقايا عوامي سوچ 16

ن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي،ان موقعي تي وفد ۾ اڪرام الدين عباسي، امداد حسين جمالي، محمد رئيس، نظير احمد قريشي، غلام مصطفيٰ مهر، حاڪم جتوئي، سهيل ابڙو، اقرار عباسي، محمد حسنين، اسرار علي عباسي، ياسر ميمڻ ۽ حسنين عباسي سميت مختلف برادرين سان تعلق رکندڙ عهديدار ۽ ميمبر شامل هئا،ملاقات دوران وفد پاران الحق فائونڊيشن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ کي گلن جو گلدستو پيش ڪيو ويو ۽ گلن جا هار پارائي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو،ان موقعي تي فلاحي سرگرمين، سماجي خدمتن ۽ عوامي ڀلائي جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وفد جي شرڪت ڪندڙن فلاحي ڪمن کي هٿي وٺرائڻ ۽ مستحق ماڻهن جي مدد لاءِ گڏيل سهڪار جاري رکڻ جو عزم پڻ ورجايو

بقايا عوامي سوچ 17

پيرو ٻيهر سر کنيو آهي، اسڪيم جو ماسٽر مائينڊ ڊان گولو اياز سومرو ٻيهر سرگرم ٿيڻ جا اطلاع آهن. جڏهن ته سندس سنڌو شهباز سومرو ۽ فرحان سومرو کي فراڊ ۽ ڪوڙا چيڪ ڏيڻ جي الزام هيٺ دادو بي سيڪشن پوليس گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب الشهباز موٽرسائيڪل اسڪيم ذريعي دادو ضلعي جي ڪيترن ئي ماڻهن کان وڏي پئماني تي رقم وصول ڪرڻ ۽ کين موٽرسائيڪلون ڏيڻ جا واعدا ڪري ڪروڙين ۽ اربين رپين جو فراڊ ڪيو ويو، معاملي ۾ نوان انڪشاف سامهون اچڻ ۽ گرفتارين کانپوءِ متاثر ماڻهن ۾ ٻيهر اميد پيدا ٿي آهي ته کين سندن ڦاٿل رقم واپس ملندي ۽ ذميوارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي، متاثر شهرين ۽ اسڪيم ۾ رقم جمع ڪرائيندڙ ماڻهن مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، فراڊ ذريعي وصول ڪيل رقم واپس ڪرائي متاثرن سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 18

گڏيل سهڪار سان آگاهي ريلي ميونسپل اسٽيڊيم کان پريس ڪلب سکر تائين ڪڍي وئي. ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر ماجد علي ماڪو ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي. ريلي ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن، نمائندن، سماجي اڳواڻن، استادن ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ريلي جي شرڪت ڪندڙن ٻارن جي حقن جي تحفظ، معياري تعليم، بهتر صحت، محفوظ ماحول ۽ خوشحال مستقبل جي اهميت کي اجاگر ڪيو. ان موقعي تي بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي اهو پيغام ڏنو ويو ته هر ٻار کي محفوظ، صحتمند، تعليم يافته ۽ خوشحال زندگي گذارڻ جا هڪجهڙا موقعا فراهم ڪرڻ سڄي معاشري جي گڏيل ذميواري آهي. ريلي جو مک نعرو "منهنجو ڏينهن، منهنجا حق، منهنجو مستقبل" هو، جنهن ذريعي ٻارن جي بنيادي حقن جي تحفظ ۽ سندن روشن مستقبل لاءِ گڏيل ڪوششن جي ضرورت تي زور ڏنو ويو. ان موقعي تي ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته ٻارن کي تشدد، استحصال، متيبيد ۽ ٻين سماجي مسئلن کان محفوظ رکڻ لاءِ آگاهي ۽ عملي قدمن جو سلسلو جاري رکيو ويندو. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ماجد علي ماڪو ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل خطاب ڪندي چيو ته عالمي ٻارن جو ڏهاڙو ملهائڻ جو بنيادي مقصد ٻارن جي حقن جو تحفظ، معياري تعليم جي فراهمي، صحت جون بهتر سهولتون، محفوظ ماحول ۽ ٻارن جي روشن مستقبل کي يقيني بڻائڻ بابت شعور اجاگر ڪرڻ آهي. هنن چيو ته ٻار ڪنهن به معاشري جو قيمتي اثاثو ۽ مستقبل جا معمار هوندا آهن. سندن بهتر تعليم ۽ تربيت، صحت، حفاظت ۽ بنيادي حقن جي فراهمي حڪومت، والدين ۽ معاشري جي گڏيل ذميواري آهي. ٻارن جي آواز ٻڌڻ، سندن خيالن کي اهميت ڏيڻ ۽ سندن مستقبل بابت فيصلن ۾ کين شامل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. مقررين چيو ته 20 نومبر 1959ع تي گڏيل قومن جي اداري ٻارن جي حقن بابت پڌرنامو منظور ڪيو، جڏهن ته 20 نومبر 1989ع تي ٻارن جي حقن بابت عالمي ڪنوينشن منظور ڪيو ويو. سال 1990ع کان هن ڏينهن کي عالمي سطح تي ٻارن جي حقن جي حوالي سان خاص اهميت حاصل آهي. هنن وڌيڪ چيو ته عالمي ٻارن جو ڏهاڙو اسان کي اهو پيغام ڏئي ٿو ته ٻارن جو تحفظ صرف هڪ ڏينهن جي ذميواري نه، پر سال جا 365 ڏينهن جاري رهڻ گهرجي. هر ٻار کي تعليم، صحت، خوراڪ، محبت، تحفظ ۽ عزت سان زندگي گذارڻ جو حق حاصل آهي. آخر ۾ هنن والدين، استادن، سول سوسائٽي ۽ سماجي ادارن تي زور ڀريو ته اهي گڏجي اهڙو معاشرو جوڙڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن، جتي ڪو به ٻار تعليم کان محروم نه رهي، ڪو به ٻار جبري پورهئي جو شڪار نه ٿئي ۽ هر ٻار کي پنهنجا خواب پورا ڪرڻ جا هڪجهڙا موقعا ملن. ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن سکر غلام عباس ڳوراهو، تعليم کاتي جو ڊي اي او غلام مرتضيٰ شاهه، ٽي او طاهر احمد قريشي، سول ڊفينس سکر جو ڊاڪٽر سعيد اعوان، رينجرز جو ڊي ايس آر عبدالوحيد گجر، سوئيٽ هوم سکر جو ڊائريڪٽر شبير احمد ميمڻ، ڊسٽرڪٽ اسڪائوٽس جو شبير شيخ، يو سي مڪي شاهه جو چيئرمين غلام مصطفيٰ گهانگهرو، مائنز اينڊ منرل کاتي جو رسول بخش ميمڻ، تعليم کاتي جا نديم شاهه، غلام اصغر ميمڻ، زبير احمد، امان الله ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا. ان موقعي تي سينٽ ميري هاءِ اسڪول ۽ گورنمينٽ هاءِ اسڪول ميناره روڊ جي استادن ۽ شاگردن پاران خصوصي طور ٽيبلو پيش ڪيا ويا، جن کي شرڪت ڪندڙن پاران ساراهيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 19

دن کي تعليم تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت _ صوبائي وزير براءِ اوقاف، مذهبي امور، زڪوات ۽ عشر سيد رياض حسين شاهه شيرازي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، ٺٽي ۾ پنهنجي اڳوڻي ڪلاس ٽيچر ۽ سينيئر استاد ايڇ ايس ٽي سائين خميسو خان شورو جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي استادن پاران سندس مانَ ۾ منعقد ڪيل الوداعي تقريب ۾ خصوصي شرڪت ڪئي ۽ سندس ڏکي عرصي تي ٻڌل تدريسي خدمتن، محنت، لگن ۽ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ادا ڪيل اهم ڪردار کي ساراهيندي کيس ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي چيو ته استاد جو مقام معاشري ۾ انتهائي بلند ۽ قابلِ احترام آهي. استاد اها عظيم هستي آهي، جيڪا پنهنجي علم، ڏاهپ، رهنمائي ۽ تربيت ذريعي نئين نسل جي ڪردار سازي ڪري ٿي ۽ کين زندگي ۾ ڪاميابيءَ جي راهه ڏيکاري ٿي. والدين کان پوءِ استاد ئي اها هستي آهي، جيڪا انسان جي شخصيت سنوارڻ، صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ کيس هڪ ذميوار شهري بڻائڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿي. هن چيو ته استاد جي محنت ۽ رهنمائي جا اثر صرف ڪلاس روم تائين محدود ناهن رهندا، پر انهن جا تربيت يافته شاگرد زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ پنهنجي صلاحيتن جو مظاهرو ڪندا آهن. هڪ سٺو استاد پنهنجي شاگردن ۾ علم جي روشني، اخلاقي قدرن، انسانيت جي احترام ۽ خدمتِ خلق جو جذبو پيدا ڪندو آهي، جنهن جا مثبت اثر نسلن تائين برقرار رهندا آهن. صوبائي وزير پنهنجي تعليمي دور کي ياد ڪندي چيو ته سائين خميسو خان شورو سندس اڳوڻو ڪلاس ٽيچر رهيو آهي ۽ استاد ۽ شاگرد وارو اهو رشتو سندس لاءِ فخر ۽ احترام جو باعث آهي. اڄ پنهنجي استاد جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي سندس مانَ ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ شرڪت ڪرڻ سندس لاءِ هڪ خوشگوار ۽ جذباتي لمحو آهي. هن چيو ته پنهنجي استادن جي خدمتن کي ياد رکڻ ۽ سندن عزت ۽ احترام ڪرڻ اسان سڀني جي اخلاقي ذميواري آهي. هن وڌيڪ چيو ته رٽائرمينٽ ملازمت جي هڪ دور جو اختتام ضرور آهي، پر هڪ مخلص استاد جون خدمتون، تربيت ۽ علمي ورثو ڪڏهن به رٽائر ناهن ٿيندا. سندس شاگردن جون ڪاميابيون ۽ معاشري ۾ سندن مثبت خدمتون هميشه استاد لاءِ صدقو جاريه ۽ فخر جو باعث رهنديون. سيد رياض حسين شاهه شيرازي سائين خميسو خان شورو لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته هن پنهنجي زندگيءَ جو هڪ وڏو حصو تعليم جي فروغ ۽ نئين نسل جي علمي ۽ اخلاقي تربيت لاءِ وقف ڪيو، جيڪو يقيناً قابلِ قدر ۽ قابلِ تقليد عمل آهي. تقريب جي پڄاڻيءَ تي اسڪول جي استادن ۽ ٻين شرڪت ڪندڙن پڻ سينيئر استاد سائين خميسو خان شورو جي تدريسي خدمتن کي ساراهيو ۽ سندس رٽائرمينٽ تي مبارڪباد ڏيندي سندس ايندڙ زندگيءَ لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪيو. بعد ۾ صوبائي وزير سيد رياض حسين شاهه شيرازي اسڪول جي مختلف ڪلاس رومن جو دورو ڪيو ۽ اتي جاري تدريسي عمل جو جائزو ورتو. ان موقعي تي هن شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي سندن تعليمي سرگرمين ۽ پڙهائيءَ ۾ دلچسپي بابت ڄاڻ حاصل ڪئي ۽ کين دل لڳائي تعليم حاصل ڪرڻ، محنت ۽ لگن سان اڳتي وڌڻ جي تلقين ڪئي. هن چيو ته تعليم ئي ترقي ۽ ڪاميابيءَ جو بنياد آهي، شاگرد پنهنجي سموري توجهه علم حاصل ڪرڻ تي مرڪوز رکن ته جيئن مستقبل ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪرڻ جي قابل بڻجي سگهن

بقايا عوامي سوچ 20

يُ اوڊو سان تفصيلي ملاقات ۽ گڏجاڻي ڪئي. ان موقعي تي ڪرنل غلام مصطفيٰ اوڊو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته ريجنل آفيس سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزنن ۾ _SIEHS 1122جي آپريشنز جي نگراني ڪري ٿي. هن ٻڌايو ته ريجن ۾ 124 مڪمل سهولتن سان ليس ايمبولينسون ۽ 4 ميٽ ڪٽڻ واريون ايمبولينسون موجود آهن، جيڪي روڊ حادثن، طبي ايمرجنسي، ٽراما، هاءِ ويز ۽ ٻين هنگامي حالتن ۾ خدمتون فراهم ڪن ٿيون. هن وڌيڪ ٻڌايو ته اداري جي ڪنٽرول سسٽم تي روزانو 12 هزار کان وڌيڪ مدد لاءِ ڪالون موصول ٿين ٿيون. ڊائريڪٽر هيلٿ کي اداري جي آءِ ٽي آفيسن، ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول سينٽر، ٽريننگ هال ۽ عملي جي خدمتن بابت پڻ تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اداري جو عملو انسانيت جي خدمت جي جذبي سان هر وقت پنهنجون ذميواريون نڀائي رهيو آهي. ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو SIEHS_1122ايمبولينس سروس جي علائقي ۾ ڪيل خدمتن ۽ انسانيت جي جذبي سان سرانجام ڏنل ڪمن کي ساراهيو. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو صحت کاتو بنا ڪنهن فرق ۽ امتياز جي عوام جي خدمت ڪرڻ ۽ هر شهري جي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مڪمل طور پرعزم آهي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊائريڪٽر هيلٿ سروسز سکر ڊويزن ڊاڪٽر ياسر گبول پڻ ساڻس گڏ موجود هو.

بقايا عوامي سوچ 21

ان جروار مان رات دير سان 20 ورهين جي نوجوان غلام اصغر ولد خادم جروار جو مبينا گولي لڳل لاش پوليس اهلڪار نصرالله جروار جي گهر مان هٿ آيو آهي پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو، جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. مقتول جي والد خادم جروار الزام لڳائيندي چيو ته مقتول غلام اصغر جروار جو رفيق جروار ۽ حفيظ جروار سان مسجد ۾ معمولي ڳالهه تان منهن ماري ٿي هئي جنهن بعد کيس مبينا طور قتل ڪيو ويو آهي هن اعليٰ اختيارين کان واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ۽ انصاف جي اپيل ڪئي آهي هوڏانهن ڏوڪري پوليس موجب نوجوان جو گولي لڳل لاش نصر جروار جي گهر مان مليو آهي مقتول نوجوان جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ سان گڏ بائيو ميٽرڪ پڻ ورتي وئي آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته واقعي جي مختلف رخن کان جاچ هلندڙ آهي،

بقايا عوامي سوچ 22

ماڊلز، تخليقي منصوبن ۽ عملي سرگرمين ذريعي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي اسلام آباد سائنس فيسٽيول ۾ قومي سطح تي ٽين پوزيشن حاصل ڪري اسڪول، شهر ڪنري ۽ ضلعي عمرڪوٽ جو نالو روشن ڪندڙ شاگردن جي ڪاميابيءَ کي پڻ ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي ۽ سندن اعزاز ۾ خاص آجياڻو ڏنو ويو. تفصيل موجب گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول طالب المولیٰ ڪنري ۾ منعقد ٿيل هن تعليمي ۽ سائنسي نمائش ۾ ڊپٽي ڊي اي او بشير ڪوسو، ڊپٽي ڊي اي او فريد احمد، ڊپٽي ڊي اي او نانجي مل، ضلعي اسٽريم فوڪل پرسن اشفاق علي جوکيو، اڳوڻي چيئرمين يونين ڪائونسل ڪنري ميمڻ غلام ياسين ميمڻ، محمد اشرف آرائين، عابد حسين، نيو لائف اسڪول جي فرحان ظفر، محمد حسين آرائين، پروفيسر اشرف درس ۽ سينيئر هيڊ ماستر اشرف رند سميت تعليمي ماهرن، استادن، سماجي اڳواڻن، والدين ۽ معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 23

تو بڻائڻ جي حوالي سان ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ منعقد ڪئي وئي. ورڪشاپ ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو عمرڪوٽ عمران آرائين، سماجي تنظيم CESVIجي پروجيڪٽ مئنيجر شيراز ڪياني، پي ڊي ايم اي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اڄي ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي. 17 ۽ 18 نومبر 2026ع تي BRAND 2.0منصوبي تحت منعقد ٿيل هن ٻن ڏينهن واري ورڪشاپ جو عنوان "Building Institutional Capacity & Resilience Against Natural Disasters"هو. ورڪشاپ جو بنيادي مقصد ضلعي سطح تي حڪومت جي اڳواڻي ۾ قدرتي آفتن کان اڳ احتياطي اپاءَ واري نظام کي مضبوط بڻائڻ ۽ لاڳاپيل سرڪاري ادارن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ هو. ورڪشاپ دوران قدرتي آفتن جي امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ لاءِ اڳواٽ رٿابندي، بروقت اپاءَ وٺڻ جي اهميت، ادارن وچ ۾ گڏيل رابطن ۽ ضلعي سطح تي حڪومتي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ بابت تربيت ۽ آگاهي فراهم ڪئي وئي. ان موقعي تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ٽو عمران آرائين جي شرڪت ضلعي انتظاميا پاران قدرتي آفتن جي امڪاني اثرن کي گهٽائڻ، عوام جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ ۽ هنگامي حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ ادارن جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ واري اهميت کي اجاگر ڪري ٿي. واضح رهي ته هي تربيتي ورڪشاپ CESVI، Welt Hunger Hilfe (WHH)۽ يورپي يونين جي سهڪار سان BRAND 2.0 منصوبي تحت منعقد ڪئي وئي

بقايا عوامي سوچ 24

ميرپورخاص کان ڪراچي ويندڙ اهم ٽرين مهران ايڪسپريس بند ٿيڻ سبب روزانو سفر ڪندڙ پورهيت ۽ عام مسافر سخت پريشانيءَ کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن. عوامي حلقن وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي کان مطالبو ڪيو آهي ته مهران ايڪسپريس جي بندش جو نوٽيس وٺي ٽرين کي فوري طور بحال ڪيو وڃي، جيئن غريب ۽ پورهيت مسافرن کي سستي سفري سهولت ٻيهر ملي سگهي. عوامي مطالبو آهي ته غريب مسافرن کان ريلوي جون سهولتون نه کسيو، مهران ايڪسپريس فوري بحال ڪيو!

بقايا عوامي سوچ 25

رجي اڪاٽي پاڙي ۾ ڪوسا برادري جي هٿياربندن ميگهواڙ برادري تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي ۽ ڪهاڙيون هلايون, جنهن سبب ٻن عورتن سميت 6 مرد رتورت ٿي پيا, جن مان ٻه ڄڻن لو ڪمار ولد سريش ۽ سريش ولد راجو ميگهواڙ کي نازڪ حالت ۾ ڇيلهار کان مٺي آندو پئي ويو ته اهي ٻئي ڄڻا رستي ۾ ئي فوت ٿي ويا ٻئي فوت پٽ ۽ پيءُ آهن جڏهن ته زخمين ۾ ڏيسر پٽ پنجو عمر 60 سال, شريمتي پاري زال ڏيسر عمر 40 سال, شريمتي گوري زال بچو, تيرٿ پٽ ڏيسر 32 سال, نول پٽ آتم 17 سال ۽ امولڪ پٽ تماچي 45 سالا شامل آهن, جيڪي سوا اسپتال مٺي ۾ زير علاج آهن جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ شرط وڏي تعداد ۾ شهري ۽ سياسي اڳواڻ انجنيئر گيان چند, سشيل ملاڻي, راهول جيوڻ ۽ ٻيا پهچي زخمين جي عيادت ڪئي ۽ فوتين جي وارثن کي آٿت ۽ انصاف ڏيارڻ جو پڻ ڀروسو ڏياريو جڏهن ته وڏي تعداد ۾ ميگهواڙ رادري جا نوجوان به اوچينگارون ڏيئي روئي رهيا هئا ۽ واقعي خلاف ڇيلهار ۾ به سوڳ جي لهر پيدا ٿي وئي

بقايا عوامي سوچ 26

رهاڪو ڪي پي ڪي صوبي جو ٻڌايو پيو وڃي جنهن جو لاش شيخ زيد اسپتال ميرپور ساڪرو منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 27

ي جي اڳواڻي ۾ سنڌ جي وحدت، وسيلن جي مالڪي ۽ هارين جي حقن لاءِ "جام محبت پيئي سنڌ مارچ" ڪيو ويو، مارچ ۾ هزارين ماڻهن شرڪت ڪئي. سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ڪامريڊ ثمر حيدر جتوئي، ايڊووڪيٽ احمد نواز انقلابي، جبار باغي، مير آزاد ٽالپر، علي حسن لنڊ، جي ايم لغاري، ۽ ٻين تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ جي ورهاست ڪنهن به طرح قبول نه ڪئي ويندي سنڌ ملڪ کي ناهيندڙ آهي سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه صرف صوبي نه پر سنڌين جي هزارين سالن جي قومي سڃاڻپ کي وڃائڻ آهي اسان ڪنهن به بوگس ۽ غيرقانوني ريفڊيم کي نٽا مڃون سنڌ کي ورهائڻ جي لاءِ ٿيندڙ سموري ڪوششون ناڪام ٿينديون ڪراچي کان ڪيٽي بندر تائين سنڌ جي ساموندي پٽي کي سازشن تحت نشانو بڻايو پيو وڃي. ساموندي وسيلن تي قبضي جون ڪوششون سنڌ جي معيشت، واپار ۽ عالمي حيثيت لاءِ وڏو خطرو آهن، جنهن جو مقصد لکين ماڻهن کي روزگار کان محروم ڪرڻ آهي. هنن واضح ڪيو ته سنڌ هڪ تاريخي، جاگرافيائي ۽ قومي وحدت آهي، جنهن جي نون صوبن جي نالي تي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي. سنڌ جا ست ڪروڙ عوام پنهنجي وطن جي سڃاڻپ جي حفاظت لاءِ سجاڳ آهي، اڳواڻن چيو ته سنڌ ملڪ جي خالق آهي اسان 1940ع جي قرارداد تحت هڪ رياست طور شامل ٿياسين، 1940ع جي قرارداد تي عمل ڪيو وڃي قومن کي برابري جي بنياد تي پنهنجا حق ڏنا وڃن. سنڌ هاري ڪاميٽي واضح ڪري ٿي ته سنڌ جي ورهاست انتظامي يونٽ جي نالي تي يا ڪنهن ٻئي نالي تي پر سنڌ جي ورهاست ڪڏهن به نه ٿيندي، اسلام آباد ۾ ويٺلن کي کليل لفظن ۾ پيغام ڏيون ٿا ته سنڌ جي وحدت جي خلاف ڪا ڳالهه ٿي ته اسان اسلام آباد کان منهن موڙي ڇڏينداسون سنڌ هاڻي فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ته سنڌ جي وحدت جو تحفظ، وسيلن جي مالڪي، سنڌ جي زمينن تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ٿي ته سنڌ پنهنجو ڪيل فيصلو ٻڌائيندي جيڪو اوهان سان گڏ هلڻ جو نه هوندو اسلام آباد مان ٿيندڙ سازشون بند ڪيون وڃن. ثمر حيدر جتوئي ۽ احمد نواز انقلابي چيو ته سنڌ جي وحدت جي ڳالهه ڪندي هتي رهندڙ سمورن، قومن ۽ ٻولين سان تعلق رکندڙ ماڻهن جي عزت ۽ برابري کي اوليت ڏيڻ گهرجي. اردو ڳالهائيندڙ سنڌي اسان جا ڀائر آهن، جن سان گڏجي امن، تعليم ۽ ترقي جي راهه تي هلڻو پوندو. ملڪ کي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ صوبن کي وڌيڪ آئيني اختيار، وسيلن جي منصفاڻي ورڇ ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ضروري آهي. اڳواڻن چيو ته سنڌو درياهه سنڌ جي تهذيب ۽ زراعت جو بنيادي سرچشمو آهي، جنهن جي پاڻيءَ تي آئيني حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي. سنڌو درياهه سنڌ جي ملڪيت آهي سنڌو درياهه جو پاڻي سنڌين کي قدرت جو تحفو آهي درياهه تي ڪنهن به قسم جو غيرقانوني منصوبو قبول نه ڪيو ويندو، هنن چيو ته شگر ملز جي دير سان هلڻ، ڪمند جا مناسب اگهه نه ملڻ، سارين، سميت زرعي جنسن جي اگهه آبادگارن هارين کي نه ڏيڻ زراعت کي تباهه ڪرڻ آهي زرعي خرچن ۾ واڌ سبب هارين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن تي سخت ڳڻتي ظاهر ڪندي حڪومت کان مطالبو ڪيو ته زرعي منڊين ۾ شفاف نظام لاڳو ڪيو وڃي ته جيئن آبادگارن، هارين کي سندن محنت جو پورو معاوضو ملي سگهي. سنڌ ۾ وڌندڙ منشيات، گٽڪي ۽ مين پڙيءَ جي ڪاروبار تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي اڳواڻن چيو ته نوجوان نسل جي مستقبل سان کيڏندڙن خلاف صرف بيان بازي نه پر عملي ڪارروائي ڪئي وڃي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ آگاهي مهم هلائڻ سان گڏوگڏ هر ضلعي ۾ نوجوانن لاءِ سان ئي بهتري ايندي، سنڌ جا ماڻهو پنهنجي زمين، سمنڊ ۽ وسيلن جي تحفظ، ڪارونجهر جي ڪٽائي،سمنڊ تي قبضي، غيرقانوني نوان منصوبا آڻڻ خلاف آهن نوان منصوبا سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ سازشون ٿي رهيون آهن جيڪي سنڌ جا ماڻهو ڪڏهن برداشت نه ڪندا هر آئيني ۽ جمهوري جدوجهد جاري رکندا.جام محبت پيئي سنڌ مارچ جي موقعي تي سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان هيٺيان قرارداد متفقه طور تي منظور ڪيا ويا. سنڌ سنڌين جو هزارين سالن کان تاريخي وطن آهي 1940ع جي قرارداد ۾ سنڌ صوبو نه پر رياست طور شامل ٿيو سنڌ جي 1940ع جي قرارداد واري حيثيت بحال ڪئي وڃي، ملڪ اندر قانون کان متانهان قدم ڪنهن به ريت قبول نه ڪيا ويندا سنڌ کي ورهائڻ لاءِ ڪنهن به بوگس ريفڊيم کي سنڌ قبول نه ڪندي زبردست ريفڊيم ڪرائڻ جي ڪوشش ٿي ته سنڌ جا ماڻهو سياسي مزاحمت ڪندا، ڪراچي سنڌ جي گادي جو هنڌ آهي، ڪراچي بندرگاهه سنڌين جي ملڪيت آهي ساموندي ٻيلٽ، ٺٽو، بدين، سڄاول، حيدرآباد، ڄامشورو ۾ نوان ٺهندڙ منصوبا رد ٿا ڪيون اهڙا منصوبا قبول ناهن جيڪي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪن،ڪارپوريٽ فارمنگ سنڌ جي زمينن تي ملٽي نيشنل ڪمپنين جي قبضي کي رد ڪريون ٿا سنڌ جون زمينون مقامي هارين کي ڏنيون وڃن، شهر ۾ سرڪاري زمين کي سستا اسڪيم تحت بي گهر ٿيل مزدورن پورهيتن، بي گهر شهرين کي ڏنيون وڃن.ادارن مان ڪرپشن جو خاتمو آندو وڃي، نوجوانن کي ميرٽ تي نوڪريون ڏنيون وڃن، پبلڪ سروس ڪميشن جي قانون ۾ ترميم ڪري امتحانن کي شفاف بڻايو وڃي، هارين،ننڍن آبادگارن کي زرعي جنسن جا مناسب اگهه ڏنا وڃن، ملڪ اندر زرعي سڌارا آڻي، ڀاڻ، ٻج کي سستي اگهه تي هارين کي مهيا ڪيو وڃي سنڌ سيڊ ڪارپوريشن ڪرپشن جو گڙهه آهي ڪرپشن ختم ڪري نوان هائبرڊ ٻج متعارف ڪرايا وڃن، ڪمند، سارين،ٻاجهري، سميت ٻين فصلن جا ريٽ موجوده مهنگائي کي نظر ۾ رکندي مقرر ڪري هارين، آبادگارن کي ريليف ڏنو وڃي مزدور جي اجرت ۾ مهنگائي جي حساب سان اضافو ڪيو وڃي، سنڌ جي اندر ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل ملازم جن کي 5 سال ٿي ويا آهن ڪم ڪندي انهن سڀني کي ريگيولر ڪيو وڃي ۽ سرڪاري سڀ سهولتون ڏنيون وڃن،ملڪ ۾ مهنگائي تي ڪنٽرول ڪيو وڃي آئين قانون تي عمل ٿيڻ گهرجي ڪي پي ڪي ۾ لاڳو ڪيل ايمرجنسي غيرقانوني آهي جيڪا ختم ڪري آئيني سرگرميون بحال ڪيون وڃن،ملڪ اندر لاان آڊر جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي، انساني زندگيءَ جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي پرامن سياسي سرگرمين تان بندش ختم ڪري گرفتار سياسي ڪارڪنن کي آزاد ڪيو وڃي،

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

حضرت بي بي فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي مناسبت سان پُروقار مجلس عزا منعقد

مجلس عزا کي مولانا فدا حسين فردوسي ۽ مولانا فياض حسين انقلابي خطاب ڪندي حضرت بي بي فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي سيرت، فضائل ۽ قربانين تي روشني وڌي

امام زمانہ عجل الله تعاليٰ فرجہ الشريف جي خدمت ۾ سندن ڏاڍي سائڻ حضرت بي بي فاطمہ زهرا سلام الله عليها جو پرسہ پيش ڪيو

مجلس جي پڄاڻي تي شرڪت ڪندڙن ۾ نياز بي بي سيد سلام الله عليها تقسيم ڪئي وئي

سجاول (رپورٽ امتياز ميمڻ) سجاول ۾ حسيني هائوس تي حاجي مظفر علي لغاري جي ميزباني هيٺ شهادت حضرت بي بي فاطمہ زهرا سلام الله عليها جي مناسبت سان پُروقار مجلس عزا منعقد ڪئي وئي. مجلس عزا کي مولانا فدا حسي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

محرابپور پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو وڪرو جاري

نوجوان نسل ۾ آئس گٽڪو ۽ شراب جو استعمال وڌي ويو پوليس پاران بيگناھ نوجوان تي ڪيس داخل

شهر جي بلوچ محلي، ميمڻ محلي بلاول ڪالوني، نيوٽائون ۾ ڪانسٽيبل ۽ هيڊ ڪانسٽيبل جي سرپرستي ۾ منشيات جا نندا اڏا هلي رهيا آهن

منشيات جي اڏن تي آئس هيروئن چرس آفيوم شراب موجود آهي نوجوانن جي وڏي نشي جي عادي ٿي چڪي آ

محراب پور (رپورٽر) محرابپور پوليس ٿاڻي جي ايس ايچ او غلام مصطفا ميراڻي ۽ ڊي ايس پي فتح محمد اعوان جي آشروات سان شهر جي بلوچ محلي، ميمڻ محلي بلاول ڪالوني، نيوٽائون ۾ ڪانسٽيبل ۽ هيڊ ڪانسٽيبل جي سرپرستي ۾ من/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سجاول-بدين باءِ پاس تي رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر هڪ نوجوان فوت، 4 ڄڻا زخمي

سجاول بدين باءِ پاس تي رڪشا ۽ موٽر سائيڪل وچ ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ 22 ورهين جو نوجوان فوت ٿي ويو

حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ علي شير پونجاڻي طور ٿي آهي

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ) سجاول-بدين باءِ پاس تي رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ خوفناڪ ٽڪر هڪ نوجوان فوت، 4 ڄڻا زخمي سجاول بدين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

علي مير ملاح پاران 21 نومبر تي ملاحن جو عالمي ڏهاڙو پنهنجي تاريخي پٽڻ ۽ درياھ جي ڪناري تي ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان

هن غلام الله، گهارو، پروسر ڪالوني، ٺٽو، ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر سميت مختلف علائقن جا دورا ڪري ملاحن کي عالمي ڏهاڙي جي تقريب ۾ شرڪت جون دعوتون ڏنيون

اميرالبحر جي چيئرمين علي مير ملاح غلام الله ۾ ستار ملاح، شبير ملاح، ماما عبدالستار ملاح ۽ پيرل پياسي ملاح پاران ڏنل آجياڻي ۾ شرڪت ڪئي

ملاح سنڌ جا اصل وارث، سمنڊن، درياهن ۽ ڍنڍن جا محافظ ۽ سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ جو اهم حصو آهن

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) اميرالبحر جي مرڪزي چيئرمين علي مير ملاح پاران 21 نومبر تي ملاحن جو عالمي ڏهاڙو پنهنجي تاريخي پٽڻ ۽ درياھ جي ڪناري تي ڀرپور نموني ملهائڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هن غلام الله، گهار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

سجاول جي عدالت غلام فريد پارهيڙي قتل ڪيس جو فيصلو

ڏوھ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن سومار پارهيڙي ۽ علي محمد پارهيڙي کي عمر قيد ۽ مجموعي طور 25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي

فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سيد اعجاز علي شاھ جي عدالت ٻنهي جوابدارن کي في ڪس 12 لک 50 هزار رپيا ڏنڊ ادا ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو

مقتول غلام فريد پارهيڙي کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ويو هو جنهن جو ڪيس مقتول جي مائٽ عبدالله پارهيڙي جي فرياد تي سجاول ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ) سجاول جي عدالت غلام فريد پارهيڙي قتل ڪيس جو فيصلو ٻڌائيندي ڏوھ ثابت ٿيڻ تي ٻن جوابدارن سومار پارهيڙي ۽ علي محمد پارهيڙي کي عمر قيد ۽ مجموعي طور 25 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ال ابراهيم آئي اسپتال ملير جي طرفان هڪ روزه مفت اکين جي ڪيمپ بي ايچ يو پلس ڳاڙهو تي لڳائي وئي

ڪيمپ ۾ 153 مريضن جي نظر چڪاس ڪئي وئي، جنهن ۾ اکين جي چيڪ اپ دوران 20 مريضن جي ويجهي جي نظر خراب هجڻ جي صورت ۾ کين مفت چشما ڏنا ويا

چيڪ اپ دوران 13 مريضن کي اکين ۾ موتيو هجڻ جي تصديق ڪئي وئي، جن جا مفت آپريشن ڪرائڻ لاءِ کين اکين جي اسپتال منتقل ڪيو ويندو

ال ابراهيم آئي اسپتال ٺٽي ضلعي جي هر اسپتال تي اکين جي مفت ڪيمپ لڳائي رهي، جن مريضن کي آپريشن جي ضرورت آهي :انيب ميمڻ

ڳاڙهو (رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) دي فريڊ هولوز فائونڊيشن ۽ آسٽريلين ايڊ جي تعاون سان ال ابراهيم آئي اسپتال ملير جي طرفان هڪ روزه مفت اکين جي ڪيمپ بي ايچ يو پلس ڳاڙهو تي لڳائي وئي. ڪيمپ ۾ 153 مريضن جي نظر چڪاس /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۽ پائيدار ادارن وچ ۾ بهترين رابطن، گڏيل سهڪار ۽ اثرائتي هم آهنگي کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي: ڊاڪٽر امجد جمالي

جاري پروگرامن تي عملدرآمد جي اڳڀرائي جو باقاعدگي سان جائزو وٺڻ سان گڏ درپيش مسئلن جي نشاندهي ڪري انهن جي حل لاءِ گڏيل حڪمت عملي جوڙڻ گهرجي

مستحق عورتن ۽ ٻارن کي سهولتن جي فراهمي، جاري سرگرمين، عملدرآمد جي صورتحال ۽ مختلف شعبن ۾ حاصل ٿيندڙ اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي

پروگرامن تي عملدرآمد دوران پيش ايندڙ مسئلن ۽ انهن جي حل بابت پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

متياري (رپورٽ محمد حنيف ميمڻ) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_II متياري ڊاڪٽر امجد جمالي چيو آهي تہ ضلعي ۾ غذائيت جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ، غذائي کوٽ جي مسئلن جي نشاندهي ۽ مستحق عورتن توڙي ٻارن کي صح/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان اهم اجلاس ٺٽي جو يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان اهم اجلاس

پاڪستان پيپلزپارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ ميمبر قومي اسيمبلي انجنيئر صادق علي ميمڻ جي رهائشگاھ تي پارٽي جي يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان هڪ اهم اجلاس منعقد ٿيو

جنهن ۾ پارٽي جي تنظيمي معاملن، يومِ تاسيس جي تيارين ۽ مستقبل جي حڪمت عملي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

گهارو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽو پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جو يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان اهم اجلاس ٺٽي جو يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان اهم اجلاس ٺٽو: پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٺٽي جي صدر ۽ ميمبر قومي اسيمبلي انجنيئر صادق علي ميمڻ جي رهائشگاھ تي پارٽي جي يومِ تاسيس ۽ تنظيمي جوڙجڪ جي حوالي سان هڪ اهم/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

ڪي ڊي اي ڪينال ۾ ٻڏي ويل ڪراچي واسي پوليس اهلڪار رومان پناڻ جو لاش اڃان تائين هٿ اچي ناهي سگهيو

ضلعي انتظاميا طرفان تعاون نہ ڪرڻ تي وارثن طرفان گجي ۾ قومي شاهراھ تي ڌرڻو هڻي روڊ بند ڪيو ويو

نبي بخش سولنگي ۽ مختيارڪار ميرپور ساڪرو محمد انور ڪنڀر وارثن سان ڳالهيون ڪري روڊ کولرائي ڇڏيو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) گجو 2 ڏينهن اڳ ڪي ڊي اي ڪينال ۾ ٻڏي ويل ڪراچي واسي پوليس اهلڪار رومان پناڻ جو لاش اڃان تائين هٿ اچي ناهي سگهيو ضلعي انتظاميا طرفان تعاون نہ ڪرڻ تي وارثن طرفان گجي ۾ قومي شاهراھ تي ڌرڻو هڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن سکر ۽ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان آگاهي ريلي

گڏيل سهڪار سان آگاهي ريلي ميونسپل اسٽيڊيم کان پريس ڪلب سکر تائين ڪڍي وئي

ريلي جي اڳواڻي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سکر ماجد علي ماڪو ۽ ڊپٽي ميئر سکر ڊاڪٽر ارشد مغل ڪئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) عالمي ٻارن جي ڏهاڙي جي موقعي تي ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن سکر ۽ چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي جي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

دادو ۾ الشهباز موٽرسائيڪل اسڪيم جي نالي تي اربين رپين جي فراڊ جو معاملو ٻيهر سرگرم

ماسٽر مائينڊ ڊان گولو اياز سومرو تي الزام

سندو شهباز سومرو ۽ فرحان سومرو فراڊ ۽ ڪوڙا چيڪ ڏيڻ جي ڪيس ۾ بي سيڪشن پوليس هٿان گرفتار

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ضلعي ۾ الشهباز موٽرسائيڪل اسڪيم ذريعي لکين ماڻهن کان اربين رپين جي فراڊ واري معاملي هڪ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

ٽرمل ڪالوني ريجنٽ نگر الحق فائونڊيشن يونٽ جي عهديدارن ۽ ميمبرن جي باني محمد رضوان الحق ملڪ سان ملاقات

فلاحي ڪمن کي هٿي وٺرائڻ ۽ مستحق ماڻهن جي مدد لاءِ گڏيل سهڪار جاري رکڻ جو عزم پڻ ورجايو

فلاحي سرگرمين، سماجي خدمتن ۽ عوامي ڀلائي جي حوالي سان تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) ٽرمل ڪالوني ريجنٽ نگر پير شاليمار يونٽ الحق فائونڊيشن جي عهديدارن، ميمبرن ۽ دوستن فائونڊيش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

اين سي ايڇ ڊي جا استاد پنجن مهينن کان پگهارن کان محروم

ٻن ڏينهن لاءِ اسڪول بند ڪري احتجاج جو اعلان

نوابشاھ (رپورٽ ڪاشف علي رند) اين سي ايڇ ڊي جا استاد پنجن مهينن کان پگهارن کان محروم، ٻن ڏينهن لاءِ اسڪول بند ڪري احتجاج ج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

دادو ۾ ملڪيت جي تڪرار شدت اختيار ڪري ويو

علي گوهر عرف بلو سولنگي تي هٿيارن جي زور تي جاءِ تي قبضي ۽ گهرن تي فائرنگ جا الزام، انصاف لاءِ احتجاج

اڃا تائين ڪو بہ نوٽيس ناهي ورتو، جنهن ڪري هو انصاف لاءِ احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿيا آهن

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو اي سيڪشن ٿاڻي جي حد سونارا محلي جي رهواسڻ مسمات حسنا سولنگي پنهنجي ڀاءُ مختيار عرف پپو سولنگي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

ميرپورخاص ڊويزن جي عمرڪوٽ ضلعي جي 25 ديهن ۽ ٿرپارڪر ضلعي جي 163 ديهن کي آفت سٽيل ديهون قرار

نگرپارڪر تعلقي جي 38 ديهن ۽ ڏاهلي تعلقي جي 23 ديهن کي آفت سٽيل ديهون قرار ڏنو ويو

اهي آفت سٽيل علائقن ۾ فوري طور امدادي ڪارروايون ڪري ماڻهن ۽ سندن مال کي رليف فراهم ڪن

مٺي (ڊ ر محمدرحيم مگريو) رليف ڪمشنر سنڌ حيدرآباد جي جاري ڪيل نوٽيفڪيشن موجب ميرپورخاص ڊويزن جي عمرڪوٽ ضلعي جي 25/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

دادو ۾ ملڪيت تي قبضي جي ڪوشش تان هٿياربندن جو گهر تي حملو

فائرنگ ۾ علي گوهر عرف بلو سولنگي زخمي، جوابدارن جي گرفتاري ۽ تحفظ لاءِ متاثر جو احتجاج

ملوث جوابدارن کي فوري گرفتار ڪيو وڃي، سندس ملڪيت جو تحفظ يقيني بڻائي ڪيس انصاف فراهم ڪيو وڃي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ۾ سونارا محلي جي رهواسي زخمي علي گوهر عرف بلو سولنگي مخالف ڌر جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

نسيم اختر شيخ سان ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جي وفد جي مڪلي ٺٽو ۾ خوشگوار ملاقات

صحافت جي موجوده صورتحال، ميڊيا جي ڪردار ۽ مختلف سماجي توڙي صحافتي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

صحافت جي موجوده صورتحال، ميڊيا جي ڪردار ۽ مختلف سماجي توڙي صحافتي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) روزانہ سنڌ امر اخبار جي مالڪ ۽ چيف ايڊيٽر ميڊم نسيم اختر شيخ سان ضلعي ٺٽي جي ڊسٽرڪٽ رپورٽر نظير احمد قريش/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

اوباش نوجوانن جو 75 سالہ پيرسن عبدالعزيز عرف ماما رشيد ميمڻ مٿان سخت تشدد

پيءُ کي بچائڻ جي ڪوشش ڪندڙ سندس پٽ آصف ميمڻ مٿان پسٽل جا فائر، گوليون زمين مان ٽڙي ٽنگن ۾ لڳيون

حملو ڪندڙن کي فوري گرفتار ڪري سندن مٿان ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ٺٽي شهر جي اسلام پور محلا وارڊ نمبر ۾ شيخ فريد چوڪ ويجهو اوباش نوجوانن جو 75 سالہ پيرسن عبدالعزيز عرف ماما رشي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

رياض حسين شاھ شيرازي جي پنهنجي اڳوڻي استاد سائين خميسو خان شورو جي الوداعي تقريب ۾ خصوصي شرڪت

تدريسي خدمتن کي ڀيٽا پيش، اسڪول جي ڪلاس رومن جو دورو، شاگردن کي تعليم تي ڌيان ڏيڻ جي هدايت

سائين خميسو خان شورو جي رٽائرمينٽ جي موقعي تي استادن پاران سندس مانءُ ۾ منعقد ڪيل الوداعي تقريب ۾ خصوصي شرڪت

سندس ڊگهي عرصي تي ٻڌل تدريسي خدمتن، محنت، لگن ۽ شاگردن جي تعليم ۽ تربيت لاءِ ادا ڪيل اهم ڪردار کي ساراهيندي کيس ڀيٽا پيش

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) صوبائي وزير سيد رياض حسين شاھ شيرازي جي پنهنجي اڳوڻي استاد سائين خميسو خان شورو جي الوداعي تقريب ۾ خصوصي شرڪت، تدريسي خدمتن کي ڀيٽا پيش، اسڪول جي ڪلاس رومن جو دورو، شاگر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

Farewell
A Tribute to a Dedicated Teacher
A great teacher leaves behind not just knowledge, but a lasting impression on hearts.
Our Respected Senior HST Teacher
Sir Khamiso Khan Shoro
GSTA UNIT GBHS MAKHDOOM MUHAMMAD HASHIM THATVI THATTA

ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS_1122) جي ريجنل آفيس سکر جو دورو

جتي هن ريجنل انچارج ڪرنل غلام مصطفيٰ اوڍو سان تفصيلي ملاقات ۽ گفتگو ڪئي، ان موقعي تي ڪرنل غلام مصطفيٰ اوڍو بريفنگ

ريجنل آفيس سکر ۽ لاڙڪاڻي ڊويزن ۾ SIEHS_1122 جي آپريشنز جي نگراني ڪري ٿي

ريجن ۾ 124 مڪمل سهولتن سان ليس ايمبولينسون ۽ 4 ميت کڻڻ واريون ايمبولينسون موجود آهن

سکر (بيورو چيف محمد قاسم ملڪ) ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرخ امتياز پنيرو، سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروسز (SIEHS_1122) جي ريجنل آفيس سکر جو دورو ڪيو، جتي هن ريجنل انچارج ڪرنل غلام مصطف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ڏوڪري پرسان نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، پوليس جاچ شروع ڪري ڏني

غلام اصغر ولد خادم جروار جو مبينا گولي لڳل لاش پوليس اهلڪار نصرالله جروار جي گهر مان هٿ آيو

پوليس لاش تحويل ۾ وٺي پوسٽ مارٽم لاءِ ڏوڪري اسپتال منتقل ڪيو

ڏوڪري (رپورٽر) ڏوڪري پرسان نوجوان جو گولي لڳل لاش هٿ، پوليس جاچ شروع ڪري ڏني. تفصيل موجب ڏوڪري ٿاڻي جي حد ڳوٺ بابل خ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ڪنري ۾ سنڌ اسٽريم جرني 2026_27ع تحت اسڪول رائونڊ جي اسٽريم (STREAM) نمائش جي شاندار تقريب منعقد

جنهن ۾ شاگردن جديد سائنسي ماڊلز، تخليقي منصوبن ۽ عملي سرگرمين ذريعي پنهنجي صلاحيتن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو

ٽين پوزيشن حاصل ڪري اسڪول، شهر ڪنري ۽ ضلعي عمرڪوٽ جو نالو روشن ڪندڙ شاگردن جي ڪاميابيءَ کي پڻ ڀرپور ڀيٽا پيش ڪئي وئي

سينيئر هيڊ ماستر اشرف رند سميت تعليمي ماهرن، استادن، سماجي اڳواڻن، والدين ۽ معزز شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار پيٽي) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول طالب المولىٰ ڪنري ۾ سنڌ اسٽريم جرني 2026_27 ع تحت اسڪول رائونڊ جي اسٽريم (STREAM) نمائش جي شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ شاگردن جديد سائنسي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ ضلعي سطح تي اڳواٽ اپاءَ وٺڻ ۽ سرڪاري ادارن جي صلاحيت وڌائڻ بابت ٻن ڏينهن واري تربيتي ورڪشاپ منعقد

سماجي تنظيم CESVI جي پروجيڪٽ مئنيجر شيراز ڪياني، پي ڊي ايم اي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اجي ڪمار ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ادارن وچ ۾ گڏيل رابطن ۽ ضلعي سطح تي حڪومتي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ بابت تربيت ۽ آگاهي فراهم ڪئي وئي

ادارن وچ ۾ گڏيل رابطن ۽ ضلعي سطح تي حڪومتي نظام کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ بابت تربيت ۽ آگاهي فراهم ڪئي وئي

ڪنري (رپورٽ/ذوالفقار علي پيٽي) ضلعي عمرڪوٽ ۾ قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻ جي صلاحيتن کي بهتر بڻائڻ، ادارن جي ڪارڪردگي ۽ صلاحيت ۾ اضافو ڪرڻ ۽ قدرتي آفتن کان اڳ بروقت حفاظتي اپاءَ ()کي اثرائ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

02 Days Training Workshop on Strengthening Governmental Anticipatory Action (AA) at District Level

جنگشاهي مهران ايڪسپريس بند، غريب مسافر پريشان؛ ريلوي جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي ويا

وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي پاران ريلوي جي بهتر ڪارڪردگيءَ جا دعوائون

ميرپورخاص کان ڪراچي ويندڙ اهم ترين مهران ايڪسپريس بند ٿيڻ سبب روزانو سفر ڪندڙ پورهيت ۽ عام مسافر سخت پريشانيءَ کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن

عوامي حلقن وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي کان مطالبو ڪيو

جنگشاهي (رپورٽر) جنگشاهي مهران ايڪسپريس بند، غريب مسافر پريشان؛ ريلوي جي ڪارڪردگيءَ تي سوال اٿي ويا! تفصيل موجب. وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي پاران ريلوي جي بهتر ڪارڪردگيءَ جا دعوائون. ٻئي پاسي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

پلاٽن جي تڪرار تان ڪوسا برادري جي هٿياربندن ميگهواڙ برادري تي هٿيارن ۽ ڪهاڙين سان حملو ٻہ فوت ۽ ٻن عورتن سميت چار مرد سخت زخمي

چيلهار جي اڪاٽي پاڙي ۾ ڪوسا برادري جي هٿياربندن ميگهواڙ برادري تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي ۽ ڪهاڙيون هلايون

جنهن سبب ٻن عورتن سميت 6 مرد رتورت ٿي پيا، جن مان ٻہ ڄڻا لوڪمار ولد سريش ۽ سريش ولد راجو ميگهواڙ کي نازڪ حالت ۾ چيلهار کان مٺي آندو پئي ويو

شريمتي پاري زال ڏيسر عمر 40 سال، شريمتي ڳوري زال ٻچو، تيرٿ پٽ ڏيسر 32 سال، نول پٽ آتم 17 سال ۽ امولڪ پٽ تماچي 45 سالا شامل آهن

مٺي (ڊ_ر محمدرحيم مگريو) چيلهار شهر جي اڪاٽي پاڙي ۾ پلاٽن جي تڪرار تان ڪوسا برادري جي هٿياربندن ميگهواڙ برادري تي هٿيارن ۽ ڪهاڙين سان حملو ٻہ فوت ۽ ٻن عورتن سميت چار مرد سخت زخمي ٿي پيا تفصيل موجب چيلها/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ڳاڙهو ويجهو عبدالله شاھ غازي شگر مل وٽ ٻن موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر

ٽڪر جي نتيجي ۾ شگر مل جو پورهيت فوت عبدالله شاھ غازي شگر مل ڳاڙهو وٽ ٻن موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر

ٽڪر جي نتيجي ۾ عبدالله شاھ غازي شگر مل ڳاڙهو جو پورهيت غلام حيدر پناڻ موقعي تي فوت

ڳاڙهو (رپورٽ جاويد علي خاصخيلي) ڳاڙهو ويجهو عبدالله شاھ غازي شگر مل وٽ ٻن موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ شگر مل جو پورهيت فوت عبدالله شاھ غازي شگر مل ڳاڙهو وٽ ٻن موٽر سائيڪل ۾ آمهون سامهون ٽڪر جي نتيجي ۾ عبدالله شاھ غازي شگر مل ڳاڙهو جو پورهيت غلام حيدر پناڻ موقعي تي فوت جيڪو مل ۾ مزدوري ڪندو اصل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

سنڌ جي وحدت، سمنڊ، سنڌ جي وسيلن ۽ هارين جي حقن تي ڪو بہ سمجھوتو نہ ڪنداسين: ثمر حيدر جتوئي

سنڌ هاري ڪاميٽي جو ٽنڊو محمد خان ۾ هزارين ماڻهن جو "جام محبت پيئي سنڌ مارچ"

ڪاليجن ۾ آگاهي مهم هلائڻ سان گڏوگڏ هر ضلعي ۾ نوجوانن لاءِ راندين جا ميدان، لائبريريون ۽ بحالي مرڪز قائم ڪيا وڃن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي طرفان پورهيت جدوجهد کي زندگي ارپيندڙ ڪامريڊ اظهر جتوئي جي ورسي جي موقعي تي ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي جي مرڪزي صدر ثمر حيدر جتوئي، احمد نواز انقلاب/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27